# تاريخِ پيغام

اعليٰ حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جي
ڪتاب "پيغام" جي واقعاتي تاريخ

سهيڙيندڙ
ماستر خادم حسين همدم علوي

طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا
1440ھ / 2018ع

تاريخِ پيغام
سهيڙيندڙ: ماستر خادم حسين همدم علوي
2018ع

طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا
1440ھ / 2018ع

Gul Hayat Institute

# تاريخِ پيغام

اعليٰ حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين جن جي
ڪتاب "پيغام" جي واقعاتي تاريخ

سهيڙيندڙ
**ماسٽر خادم حسين "همدم" علوي**

طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا
۱۴۴۰ھ / 2018ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تاريخِ پيغام |
| موضوع: | واقعاتي تاريخ |
| سهيڙيندڙ: | ماسٽر خادم حسين "همدم" علوي |
| پهريون ڇاپو: | ۱۴۴۰ھ/2018ع |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | عبدالله جروار |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | طالب الموليٰ اڪيڊمي، هالا |
| ﭘڌرو ڪندڙ: | گُل پنهور سروري هالا |
| قيمت: | -/300 روپيا |

طالب الموليٰ اڪيڊمي
هالا

Gul Hayat Institute

# فهرست


انتساب: ماستر خادم حسين علوي — ت

اداري پاران: مخدوم جميل الزمان — ج

تاريخِ پيغام: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار "عابد" لغاري — جھ

مهاڳ: ڊاڪٽر مخمور بخاري — ڏ

پنهنجي پاران: ماستر خادم حسين علوي — ز


## تاريخِ پيغام


سال 1953ع — 3

سال 1954ع — 12

سال 1955ع — 28

سال 1956ع — 34

سال 1957ع — 45

سال 1958ع — 56

سال 1961ع — 95

سال 1965ع — 98

سال 1967ع — 99

سال 1968ع — 100





سال 1974ع — 101

سال 1976ع — 103

سال 1980ع — 104

سال 1981ع — 105

سال 1983ع — 107

سال 1984ع — 109

سال 1985ع — 110




Gul Hayat Institute

# انتساب

آئون هيءُ ڪتاب

**اعليٰ حضرت قبله**
**مخدوم محمد امين فهيم سائينؒ**

جن جي نالي سان منسوب ڪريان ٿو

جن جي ڪتاب "**پيغام**" جي طفيل مونکي

"**تاريخِ پيغام**" جهڙي ڪتاب لکڻ جو

موقعو نصيب ٿيو.

**ماستر خادم حسين علوي**





اعليٰ حضرت قبله
مخدوم محمّد امين فهيم سائين رحہ

Gul Hayat Institute



محترم جناب سيد علي احمد شاهہ
”ساقي سروري“ صاحب





محترم جناب سيد خورشيد احمد شاهہ
”ساغر سروري“ صاحب



Gul Hayat Institute



**ماستر خادم حسين علوي (مؤلف )**
**اصحابِ ڪهف جي غار اڳيان (عمان، اردن)**





Gul Hayat Institute

# اداري پاران:

سنڌي ادبي بورڊ کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ معياري ڪتاب شايع ڪرائي علم دوست حضرات جي معلومات ۾ اضافو ڪندو رهندو آهي.

بورڊ پاران سال 1990ع ۾ عاليجناب حضرت قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائين رحہ جن جي شاعريءَ جو مجموعو ”پيغام“ جي نالي سان شايع ڪرايو جنهن جو نالو عاليجناب حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحہ جن تجويز ڪيو هو.

ڪتاب جي مقبوليت کي مدِ نظر رکندي ادارو ڪيم تہ ڪتاب پيغام جي شاعري جي تاريخ (واقعاتي تاريخ وانگر) تيار ڪرائيجي تہ علم دوست حضرات کي نئين ڄاڻ ملي. انهيءَ مقصد لاءِ ”طالب المولیٰ اڪيڊمي“ جي سيڪريٽري ماستر خادم حسين همدم علوي صاحب کي منتخب ڪيو ويو جنهن شاعريءَ کي ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، جنهنجو نالو ”تاريخِ پيغام“ رکيو اٿئون. ڪتاب جي مطالعي مان ڄاڻ ملندي تہ قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائين رحہ جن ڪهڙي تاريخ، ڪهڙي مهيني، ڪهڙي سال، ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙي هنڌ تي شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي ۽ مشاعرن ۾ پنهنجو ڪلام پڙهيائون.

بفضل تعالیٰ ج ”طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا“ ڪيترائي معياري ڪتاب شايع ڪرايا آهن. جنهن ۾ ڪتاب ”تاريخِ پيغام“ هڪ



بيش بها اضافو آهي. اميد رکجي ٿي تہ شاعرن سان گڏ تاريخدانن کي بہ هيءَ محنت پسند ايندي.

ادارو سنڌيڪا اڪيڊميءَ ۽ ماستر خادم حسين علويءَ صاحب جو ٿورائتو آهي جنجي دلچسپيءَ سان هيءَ ڪتاب منظرِ عام تي آيو.

22 آگسٽ 2018ع
١٠ ذوالحج ١٤٣٩ھ
ڪراچي، سنڌ

**مخدوم جميل الزمان**
چيئرمين
طالب المولیٰ اڪيڊمي، هالا



Gul Hayat Institute

**تاريخِ پيغام:**

# مخدوم محمد امين "فهيم" جي ڪتاب "پيغام" جي واقعاتي تاريخ

قبله مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" منهنجو مشفق ۽ ممدوح محبوب انهن لاثاني اڪابرن مان هو جن سنڌي نثر توڙي نظم جي ميدان ۾ لاجواب ۽ بيمثال ڪتاب ۽ شعري مجموعا خوبصورت نالن ۽ عنوانن سان آڻي پنهنجي انفراديت کي قائم رکيو. سندن نثري توڙي شعري مجموعا خاص طور تي "ديوان طالب المولىٰ" جيڪو 65 اچارن/آوازن تي ٻڌل آهي، ان جي پوئواريءَ ۾ ڪيترائي ديوان ڇپيا، منهنجا به ديوان حمد ۽ نعت جا 80 ۽ 81 اچارن/آوازن ۾ ڇپيا.

ايترين سارين نثري ۽ شعري اشاعت ڪانپوءِ جن ۾ منهنجي پياري قرب واري مخدوم جميل الزمان جون نثري ۽ شعري تصنيفون پڻ شامل آهن. "طالب المولىٰ" جي جگر گوشي مخدوم محمد امين "فهيم" عرفِ عام "ڏاڏا سائين" جن طالب العلمي جي دور کان شعر و شاعريءَ جي محفلن ۾ هڪ بهترين ۽ مڃيل شاعر جي طور تي پاڻ کي مڃرائي چڪا ته سندن شعري مجموعي جو انتظار ۽ طالب زبانن کان دل جي ڌڙڪنن ۽ محفلن جي تقاضائن ۾ شدت سان اڀرڻ لڳو. آخر ۾ 1990ع جي شروعاتي دور ۾ اهو اتساهه اچا به وڌي وڃڻ ٿي ويو.

هالا پوري سنڌ ۾ شعر و شاعريءَ جي بهترين مرڪز بلڪ يونيورسٽي جي حيثيت حاصل ڪري چڪو هو. جنهن جا محرڪ يا ريڪٽر خود مخدوم محمد زمان"طالب المولىٰ" هئا ۽ جيڪي به سروري تخلص وارا شاعر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود هئا، اهي ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارن کان وٺندي گائڪن جي راڳ رنگ جي محفلن ۾ ڳاپا پئي ويا.



آخر غوث الحق مخدوم سرور نوح جي 17 سجاده نشين مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" جي فرزند ارجمند ۽ سجاده نشين مخدوم محمد امين "فهيم" جيڪو شاعري توڙي سياست ۾ پاڻ مڃرائي چڪو هو عادات و اطوار ۾ پوري سروري خاندان خاص طور تي والد محترم جو بهترين آئينه دار هو ان جي شاعري جيڪا 1953ع کان 1985ع جي عرصي تي مشتمل هئي جنهن ۾ هڪ سئو کان مٿي فني بلندين جي نشاندهي ڪندڙ خوبصورت غزل بهترين منظر ڪشي سان ڀرپور

ڪڏهن هيئن ڪونه ٿيو آهي جو گل دامن ۾ اٽڪي پئي
مگر اٽڪيو پوي دامن، گلن هوندي به خارن سان

ٿي درجن سنڌ، سنڌي ماحول، معاشري ۽ عشق و محبت سان لبريز ڪافيون:

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندس

ٻه درجن بهترين غزلن جا آئينه دار قطعات، نظم ۽ سنڌي لساني بيتن جي شاعريءَ جو اثاثو جن کي ڏوهيڙا جي طور تي پيش ڪيو ويو ٿو. سندن به خوبصورت نعتون ائين ٿيون محسوس ٿين جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جيڪو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم لاءِ اويسي انداز جو عاشق هو ان جي انداز ۾ رطب اللسان سنڌي زبان ۾ رهيا هجن. سندن فرد به غزلن جي خاص شعرن جو نمونو نظر ايندا هجن.

اهڙي بهترين غزل جي شاعر جي خوبصورت اثاثي ۾ اهو لاثاني مثنويءَ ۾ بهترين منظوم خط به شامل هجي، جيڪو هڪ پياري پُٽڙي پنهنجي والد بزرگوار کي جيڪو ڏيساور ۾ سير و تفريح لاءِ ويل هجي، ڪجھ ڏينهن پڄاڻان هن انداز ۾ پنهنجي دلي اتساهه ۽ يادن کي زبانِ قلم جي حوالي ڪري ٿو:

"قبله ابدِ رحمت، مرشد ڪامل، پيرِ مغان ۽ پيرِ ڪرامت" جهڙن پيارن لفظن سان مخاطب ٿيو ۽ اهوئي سهڻو وقت ڪين ميسر آيو جنهن ۾ پنهنجي اندر جي آواز کي پنهنجي پير طريقت تائين پهچايو.



Gul Hayat Institute

انهيءَ شعري مجموعي کي حضرت قبلہ طالب المولىٰ ”پيغام“ سان تعبير ڪري مُنڍيءَ کي صحيح ٽِڪ رکي پنهنجي ”تحريرِ خاص“ سان هينئن نوازيو:

”امين فهيم پنهنجي هڪ جيڏن شاعرن ۾ سنو شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ جديد ۽ قديم شاعريءَ جو رنگ موجود آهي، جو پڙهندڙن کي نهايت محظوظ ڪندو.“
(پيغام-ص17، 4 ڊسمبر 1990ع)

سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڪهنہ مشق شاعر ولي محمد رونجهو ”ولي سروري“ بحيثيت ناشر شعر ۾ هيئن رقم طراز آهي تہ:

”گهڻو دلبر لڪئين، ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو،
رخِ انور کي سهڻا، نيٺ مون پارن ڏسي ورتو.“
(پيغام-ص26، 3 ڊسمبر 1990ع)

اهي الفاظ لکڻ جي ضرورت ان لاءِ پيش آئي جو:

”محبوب کي ايندي وڏي دير ٿي وئي“

هن لاثاني شعري مجموعي ”پيغام“ کي وري جناب محمد بچل پنهور ”طالب المولىٰ“ جي ”محبوب سروري“ اجا بہ بي مثال بڻائڻ ۾ اهم ۽ وڏو ڪردار هيئن ادا ڪيو جو هن فاضل لاثاني شاعر، محقق ۽ مبصر نہ فقط پنهنجي مقدمي کي مهاڳ طور غوث الحق مخدوم سرور نوح عليہ الرحمة ۽ سندس بابرڪت خاندان جينسبي تاريخ مخدوم محمد امين ”فهيم“ تائين مختصر ۽ جامع نهايت سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي پر حضور انور ﷺ جي اويسي انداز جي عاشق حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي بابرڪت خاندان مان غوث الحق مخدوم سرور نوح (وفات 998هہ) جو نسب نامو اهو ياد ٿو ڏياري تہ پاڻ صديق اڪبر اسلام جي ابتدائي دور ۾ قرآن شريف جي زور زور سان تلاوت ڪري ڪافرن جون دليون ڏڪائيندو هو ۽ حضرت سرور نوح سندس ئي خاندان جي نسبي پيرِ طريقت قرآن شريف جو سنڌ ۽ هند ۾ پهريون مڪمل ترجمو ۽ تفسير فارسيءَ ۾ ڪري وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو.



سندن بزرگي ۽ عقيدمندي ان دور ۾ ايڏي تہ وسيع هئي جو ”نؤ لکي گودڙي“ سان مشهور هئي. جنهن ۾ وڏا وڏا درويش، صوفي ۽ عارف بالله سندن آڏو روزانو ويٺل نظر ايندا هئا. حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو پنهنجي وقت جو صابرين درويش صوفي الله وارو ۽ بيان العارفين جو خالق ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جو ٽڙ ڏاڏو پڻ سندن عقيدتمندن ۽ ارادتمندن ۾ شامل هو. جنهن جو مشهور بيت آهي:

پاڻيـاري سـر ڀـڙو جـر ئـي پڪـي جيـئن
اسـان پـر پـٽ تيـئن، رهيـو آهـي روح ۾
(شاهہ ڪريم)

سروري خاندان جي مرشد سڳوري جي جد امجد مخدوم نوح فرمايو:

پيئـي جـا پرپـات، سـا مـاڪ مَ پسـو ماڻهئـان
روئـي چــڙي رات، ڏسـي ڏکـونين کـي.

محترم ”محبوب سروري“ صاحب سروري خاندان جي سوانح حيات سان گڏ ”ڏاڏا سائين“ مخدوم محمد امين ”فهيم“ جي شاعريءَ جو فني جائزو پيش ڪندي سندن عروضي شاعري ۽ فن تي سير حاصل تبصرو ڪيو آهي جنهن ۾ مخدوم امين فهيم جي فهم و فراست ۽ گهرائي توڙي اوچائي کي هنن لفظن سان تعبير ڪيو آهي:

”ڪنهن بہ ذره برابر رعايت ڪانسواءِ مون بي ريائي ۽ بيباڪيءَ سان سندن شاعرانہ فن جو تنقيدي جائزو ورتو آهي.“ (پيغام-ص72، 30 ڊسمبر 1990ع)

نتيجي ۾ 19 سجاده نشين سروري خاندان جناب مخدوم جميل الزمان ”جميل“ لاءِ اها راهہ هموار ڪئي تہ هو مخدوم محمد امين ”فهيم“ جي شاعريءَ جي مجموعي ”پيغام“ جي هاڻي تاريخ مرتب ڪرائي ۽ ضنحيم بياض جيڪو اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جي تعاون سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1990ع ۾ شايع ڪيو ويو هو (۽ اهو 2016ع ۾ ٻيهر شايع ڪيو ويو آهي) ان کي مختصر انداز ۾ مطلع ۽ مقطع جي طور تي



Gul Hayat Institute

يعني سيني غزلن کي قطعات ۾ پيش ڪرڻ جي ترتيب جناب خادم حسين "همدم سروري" جي حوالي ڪئي آهي.

هي تمام مشڪل ڪم ڪو "همدم" ئي ڪري ٿي سگهيو وري سروري به هجي. آئون سمجهان ٿو ته اهو ڪم وڏي توجهه سان ڪرڻ جو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته مخدوم محمد امين "فهيم" جي سڄي ڊائري اٿلائي وٺي هوندي. ڪٿي پاڻ لکيو هوندن. ڪٿي تاريخ سال يا اهو هنڌ ۽ ماڳ به رهجي ويو هوندو. جتي پاڻ اهو غزل يا قطعو يا ڪافي ۽ فرد وغيره لکيو هوندن. زيرِ نظر ڪتاب جيڪو پياري سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن وڏي اونهي سوچ بعد اهو فيصلو پئي ڪيو ته عام پڙهندڙن جي سهوليت خاطر "پيغام" اجا به مختصر پيغام طور شايع ڪجي پر سلسليوار ۽ حياتيءَ جي تاريخ سان تاريخ ملائي پيش ڪجي.

آئون شاباس ڏيندس جناب همدم سروري خادم حسين علوي صاحب کي، جنهن وڏي عمر جي باوجود ايڏو وڏو ۽ مرتب جو سهڻو ڪيئن ڪم ادا ڪيو آهي. پروفن تي به خاص توجهه ڏنل آهي. دعا آهي ته اهي ۽ اهڙا سلسلا "طالب المولىٰ اڪيڊمي" جاري رکي ۽ "بزمِ طالب المولىٰ" جي تاريخ اگر مڪمل نه ته فقط ساڳئي انداز "مطلع ۽ مقطع" ۾ شايع ڪري ڪيترن ئي شاعرن جي ادبي خدمتن کي دوام بخشي جيڪي اجا تائين اشاعت ۾ اچي نه سگهيا آهن ۽ اهو ڪنهن مشقي جو ڪم به خادم حسين علوي "همدم سروري" کان ورتو وڃي. جنهن کي هاڻي ته تاريخ جي ترتيب جو وڏو تجربو ٿي چڪو آهي ۽ محنت جو جذبو منجهس ڪٽي ڪٽي پريل آهي. هن جي نهنائي، نماڻائي ۽ قرب و محبت جو انداز مخدوم سائين "طالب المولىٰ" جي بزم جون سڪون پيو لاهيندو آهي. سندس شاعريءَ ۾ به انهيءَ نرم جي رس ۽ روح رهاڻ جو عشق، جوش ۽ ولولو نمايان نظر اچي ٿو.

"همدم سروري" تون همدم جميل زاهد
آ عشق تو اندر ۾، تون ئي عديل "عابد"



مون کي خوشي آهي ته محترم جميل سائين جيڪو قافله سفيرانِ امن سنڌ طرفان پاڪستان ٽوئر ۾ نومبر 1986ع ۾ ٽن هفتن لاءِ منهنجو معزز ساٿي بڻيو هو ۽ وزيراعظم پاڪستان جناب محمد خان جوڻيجو انهيءَ خانگي پروگرام کي جيڪو رهبر ڊائجيسٽ ۽ رهبر ادبي سوسائٽي سنڌ ترتيب ڏنو هو وفاقي وزارت انفارميشن ان جيهوسٽ بڻي هئي ۽ وزراءَ اعلىٰ پنجاب ۽ سرحد. ڪيترن وفاقي وزيرن ۽ ڪيترن مختلف شهرن جي ميئرن ۽ چيمبر آف ڪامرس ۽ ٻين ادارن پاڪستان نيشنل سينٽرس وغيره استقباليه ڏنا ۽ "صوفياءِ ڪرام جو پيغام امن و آشتي ۽ اتحاد و يڪجهتي" جا سيمينار ۽ ڪانفرنسون منعقد ٿيون. انهن ۾ جميل سائين سنڌ جي ٻين عظيم عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي سٿ ۾ برابر جو شريڪ رهيو.

مون کي هيءَ پڻ خوشي آهي ته سروري خاندان جو هي چشم و چراغ 19 سجاده نشين پنهنجي پياري بابا سائين عرف عام ڏاڏا سائين مرحوم جي هن ڪتاب "تاريخِ پيغام" جا پيش لفظ مون کان لکرائي تاجپور جي لغاري نواب خاندان ۽ سروري خاندان جي ديرينه تعلقات کي جيڪي سندن ڏاڏي 15 سجاده نشين مخدوم غلام محمد "مغموم" کان وٺي پاڻ تائين چئن سجاده نشينن جي ادوار کي تاريخي حيثيت ڏني آهي. جيڪا مرحوم محمد فقير ڪتياڻ ۽ فقير نواب ولي محمد لغاري جي عقيدتمندي سان وجود ۾ آئي هئي.

هتي هي ڳالهه قابلِ ذڪر آهي ته هي "تاريخِ پيغام" باوجود پنهنجي اهميت ۽ انفراديت جي اجا مڪمل نه آهي ڇاڪاڻ ته منهنجو ممدوح مخدوم محمد امين "فهيم" پنهنجي لکت ۾ فرمائي چڪو آهي ته:

"شعر و شاعريءَ جو سلسلو اجا به جاري آهي. وقت، ماحول ۽ صحبت جي لحاظ کان ڪڏهن غزل، ڪڏهن قطعات، ڪڏهن ڪافي ۽ ڪڏهن اردو شاعري به ٿئي ٿي...." (پيغام-ص23، 1 فيبروري 1991ع)

Gul Hayat Institute

ڏاڏا سائين جي هن لکت بعد مجموعو پيغام 1990ع ۾ ڇپيو ۽ سندن وصال حسرت آيات 21 نومبر 2015ع جي حوالي سان سندس اهو ڪلام جيڪو 1985ع کان پوءِ سرجيو هوندو اهو نہ فقط ”پيغام“ ۾ شامل ڪيو وڃي بلڪ اهو ڪلام ”تاريخِ پيغام“ ۾ پڻ اچڻ کان رهجي نہ وڃي.

منهنجي هي پڻ استدعا آهي تہ جيڪو بہ شاعريءَ جو نئون مجموعو يا بياض ۽ ڪليات اشاعت ۾ اچي، ان ۾ ”محبوب سروري“ صاحب وارو فني جائزو شامل رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ هر دور جي نو آموز شاعرن جي سکيا ۽ رهبريءَ لاءِ ان جو شامل رکڻ وڏي اهميت جو حامل آهي.

قبلہ طالب الموليٰ جن سان منهنجون ٿيل نجي محفلون، محترم امين ”فهيم“ صاحب سان ٿيل ڪراچي ۽ اسلام آباد جون ملاقاتون جن ۾ محترم سيد احسن الهاشمي جي موجودگي ۾ هوسڙي ۾ جناب ”محبوب سروري“ وٽ ٿيل مشاعرن جون يادون منهنجي اتساهہ کي جهنجهوڙي ڇڏي رهيون آهن تہ سروري خاندان جي جملي سجاده نشينن جو ڪلام گڏيل طور تي اشاعت ۾ آڻي سنڌي ادب کي ”تاريخِ پيغام سروري“ سان نوازيو وڃي تہ اهو وڏو ادبي احسان ٿيندو.

خادم العلم
اويسي فقير پروفيسر ڊاڪٽر
**عبدالجبار ”عابد“ لغاري**

جمعو 25 مئي 2018ع
٨ رمضان المبارڪ ١٤٣٩ھ





Gul Hayat Institute

مهاڳ:

# پيغام-تاريخ ِ پيغام

نانڍي ڪنڊ جي مشهور ۽ معروف خاندان ”سروري خاندان“ ۽ ”سروري جماعت“ جي 18هين سجاده نشين مخدوم محمد امين فهيم جن سنڌي علم ادب توڙي پاڪستان جي سياست ۾ هڪ اهم جڳهه والارين ٿا. خاموش طبع، برجسته رويي ۽ مدبرانه سوچ سبب ئي سياست، سماجيات ۽ روحانيات جهڙن شعبن ۾ سندن هڪ منفرد سڃاڻپ آهي. يقيناً سندن شخصيت تي سندن بزرگن خاص طور مخدوم محمد امين ”پکن ڏٺي“ سائين ۽ والد مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ جن جي نالي ۽ شخصيت جو اثر موجود رهيو. سندن جنم 4 آگسٽ 1939ع تي هالا نوان ۾ ٿيو. ولادت تي شاعر ۽ راڳي مرحوم سينڌي خان ”صيد“ فارسيءَ ۾ شعر چيو. ابتدائي تعليم هالا مان حاصل ڪيائون. مئٽرڪ جو امتحان ”ايم. جي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا“ ۽ انٽر ”سروري اسلاميه ڪاليج هالا“ مان پاس ڪرڻ بعد 1960ع ۾ بي. اي جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائون جنهن جي ڪجهه وقت بعد ايم اي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون پڻ سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائون.

مخدوم صاحب جن ابتدا ۾ ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ اورنٽل ڪاليج هالا جو پڻ وائيس پريزيڊنٽ رهيا. پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات 1960ع کان ڪندي ٽائون ڪميٽي هالا جا چيئرمين مقرر ٿيا ته گڏوگڏ ڊويزنل ڪائونسل حيدرآباد جا ميمبر پڻ رهيا. سال 1970ع ۾ پُٽي صاحب جي ڇڏيل سيٽ تي ٿئي مان ضمني چونڊ ذريعي قومي اسيمبلي جو ميمبر مقرر ٿيا جنهن کان پوءِ آخري وقت تائين هالا واري آبائي تڪ تان ايم اين اي منتخب ٿيندا رهيا.



سروري خاندان جا پاڻ پهريان فرد آهن جن پنهنجي والد مخدوم طالب المولىٰ جن کي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي چوڻ تي راضي ڪري مسلم ليگ کي خيرآباد چئي پاڪستان پيپلز پارٽي شموليت اختيار ڪرائي. سندن ئي ذاتي دلچسپيءَ سبب پهرين جون 1970ع تي هالا جي محفل سينيما ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چيئرمين ۽ مخدوم طالب المولىٰ وائيس چيئرمين مقرر ٿيا. مخدوم صاحب سموري حياتي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان نباهه ڪندي گذاري ڇڏي. ڪين مختلف وقتن تي مخالفن طرفان وڏيون وڏيون آڇون به ڏنيون ويون ته جيئن هو پيپلز پارٽيءَ جو ساٿ ڇڏي سندن مخالفن ۾ شامل ٿين پر پنهنجي خانداني روايتن جي پَرِ قائم رکندي ڪڏهن به ائين نه ڪيائون. بلڪ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هن بيت جي تصوير بڻيا رهيا:

اي نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ڪندس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان.

مخدوم امين فهيم جن هڪ طرف پنهنجي خانداني روايت جي پَرِ قائم رکي ته ٻئي طرف پنهنجي نالي ”امين فهيم“ جي تصوير به بڻيا رهيا. پاڻ سياست ۾ امين به رهيا ته پنهنجي طبيعت ۾ فهيم به:

پڙهيو مون قرب جو جيئن پي ڪتاب، آهسته آهسته
ويس ٿيندو انهيءَ مان فيضياب، آهسته آهسته

رقيبن ٿي وڏا رولا مگر بيسود سڀ ٿي ويا
”امين“ جو عشق ٿي ويو ڪامياب، آهسته آهسته

مخدوم صاحب جون سياسي خدمتون پاڪستان پيپلز پارٽي توڙي هن ملڪ جي عوام کان ڪنهن به طرح ڳجهيون نه آهن پر گڏوگڏ سنڌي علم ادب جي حوالي سان به سندن ڳاٽ اوچو آهي. سندن والد مخدوم طالب المولىٰ جن ڪين شاعراڻي انداز ۾ دعا ڏيندي چيو هو:

امين فهيم جي چيل شعرن کي سال وار جدا جدا ڪري رکيو ويو آهي هي عرق ريزه پورهيو اسان جي محترم استاد ۽ هالا جي مشهور ڪهنه مشق شاعر ۽ اديب محترم سائين خادم حسين علوي "همدم" سروري جن ڪيو آهي.

واقعاتي تاريخ تحقيق جي حوالي سان بنيادي حيثيت رکي ٿي سنڌي ادب ۾ ان نوعيت جو ڪم بنهه گهٽ ٿيل نظر اچي ٿو. جيستائين واقعا سال وار ترتيب سان پيش نٿا ٿين انوقت تائين گذري ويل وقت جي سياسي، سماجي، مذهبي، معاشي، اخلاقي يا علمي حالتن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. شاعري جيئن ته پنهنجي دور جي منظوم تاريخ ٿئي ٿي جنهن ۾ سماج جي هڪ حساس فرد جا احساس ۽ جذبا پڻ شامل رهن ٿا ان شاعريءَ کي تاريخ وار جدا ڪري پڙهڻ ۽ پرکڻ سان تاريخ جي ڪتابن مان گم ٿيل يا پنهنجي دؤر جي حالتن مان مسخ ڪيل حقيقت تائين پهچڻ جو رستو جوڙي سگهجي ٿو.

مخدوم امين فهيم جن پنهنجي دؤر جا سجاڳ ۽ باشعور شاعر هئا جيتوڻيڪ سنڌن سڃاڻپ ملڪ جي اندر هڪ مدّبر ۽ برجستي سياستدان جي آهي پر پاڻ هڪ حساس دل ۽ جماليت پسند ۽ وقت ۽ حالتن کي گهرائيءَ سان محسوس ڪرڻ وارا شخص هئا. سنڌن شعري مجموعي "پيغام" ۾ پڻ اهڙا ڪيترائي عڪس ۽ اولڙا موجود آهن انهن سمورن شعرن کي سال وار جدا ڪري واقعاتي تاريخ جوڙڻ جو ڪم جيڪي اسان جي هن محترم جوان سال محقق ۽ اديب ڪيو آهي ان يقيناً مخدوم صاحب جي شاعري متعلق سوچڻ سمجهڻ ۽ پروڙڻ وارن لاءِ هڪ نئين واٽ جوڙي آهي. جيڪا يقيناً سروري خاندان جي علمي ادبي تاريخ جي حوالي سان انتهائي اهم آهي.

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

هالا نيو

06_07_2018

Gul Hayat Institute

# پنهنجي پاران:

اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائينؒ جن جي شاعريءَ جي ابتدا هالا ۾ ٿي. پاڻ اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائينؒ جن سان گڏ ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ شريڪ رهيا. اها حقيقت آهي تہ شاعري کين ورثي ۾ ملي.

پاڻ مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿن جهڙوڪ: نعت، غزل، قطعہ، بيت، ڪافي ۽ نظم وغيره. پاڻ پهرين "امين" تخلص طور استعمال ڪيائون پر بعد ۾ حضرت قبلہ طالب المولیٰ سائينؒ جن سندن "فهيم" تخلص تجويز ڪيو. پاڻ اردو ۾ بہ شاعري ڪئي اٿن.

اعليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمّد امين فهيم سائينؒ جن 1955ع ۾ "بزمِ امين" قائم ڪئي، جنهنجو باقاعده آئين جوڙيو ويو ۽ "بزمِ امين" پاران طرحي، غير طرحي ۽ في البديه مشاعرا منعقد ڪرايائون. "بزمِ امين" جي اراڪين ۾ خود قبلہ مخدوم امين فهيم سائينؒ، پير ميان علي بهادر شاهہ "عڪس"ؒ، منهنجو محترم جناب سيد علي احمد شاهہؒ "ساقي سروري"، سيد امير علي شاهہ "امير" اجناڻيؒ، محترم جناب سيّد خورشيد احمد شاهہ "ساغر" ۽ منهنجو سينيئر دوست ۽ مهربان مرحوم مغفور مهر علي "تابع سروري" وغيره شامل هئا.

سال 1965ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران آل سنڌ قومي ترانہ جو مشاعرو ڪرايو ويو جنهن ۾ سڄي سنڌ جي پختہ شاعرن حصو ورتو پاڻ "اي وطن ۽ جانِ من" نظم لکيائون جيڪو ڪهنہ مشق شاعرن تمام گهڻو پسند ڪيو. اتفاق سان سندن نظم پهرين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ اُن وقت جي ڪمشنر حيدرآباد جي اهليہ بيگم نياز کين پهريون انعام ڏنو.



سندن ڪلام جو مجموعو "پيغام" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان 1990ع ۾ ڇپيو ويو هو جنهنجو ٻيو ڇاپو 2016ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرائي علم دوست حضرات لاءِ مطالعي جو موقعو فراهم ڪيو آهي.

"پيغام" ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي تياريءَ دوران مخدوم جميل الزمان سائين جن فرمايو تہ "عاليجناب قبلہ حضرت مخدوم محمّد امين فهيم سائينؒ جن جي هن ڪتاب ۾ آيل شاعريءَ جي واقعاتي تاريخ مرتب ڪرڻ کپي." مون حڪم جي بجاآوري ڪندي قبلہ سائين جن جي منشا مطابق ڪم مڪمل ڪري کين پيش ڪيو آهي. مون "تاريخِ پيغام" ۾ وقت، سال، هنڌ، صنف ۽ شاعريءَ جو تعداد پڻ ڏنو آهي تہ جيئن معلوم ٿئي تہ پاڻ صبح، منجهند، شام ۽ رات جو پڻ شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪئي اٿن. ان جو وچور هيئن آهي:

## 1953ع کان 1985ع تائين شاعريءَ جو صنف واري سال ۽ تعداد جو وچور

| سيريل نمبر | سال | صنف | تعداد |
|---|---|---|---|
| 1. | 1953ع | فرد | 1 |
| | | ڪافي | 3 |
| | | غزل | 12 |
| 2. | 1954ع | غزل | 19 |
| | | قطعہ | 3 |
| | | ڪافي | 4 |
| | | نعت | 1 |
| | | نظم | 1 |
| | | فرد | 1 |
| | | بيت | 2 |
| 3. | 1955ع | بيت | 2 |
| | | ڪافي | 3 |

Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | غزلءِ مشترڪ غزل | 2 |
| | | مناجات | 2 |
| | | نظم | 1 |
| .4 | 1956ع | غزل | 11 |
| | | فرد | 3 |
| | | قطعہ | 5 |
| | | ڪافي | 4 |
| .5 | 1957ع | ڪافي | 8 |
| | | نعت | 1 |
| | | غزل | 12 |
| .6 | 1958ع | بيت | 8 |
| | | غزل | 26 |
| | | ڪافي | 13 |
| | | قطعہ | 12 |
| | | منظوم خط | 1 |
| | | فرد | 1 |
| .7 | 1961ع | غزل | 1 |
| | | مشترڪ نظم | 1 |
| .8 | 1965ع | نظم | 1 |
| .9 | 1967ع | قومي نظم | 1 |
| .10 | 1968ع | غزل | 1 |
| .11 | 1974ع | غزل | 1 |
| | | قطعہ | 1 |
| .12 | 1976ع | غزل | 1 |
| .13 | 1980ع | غزل | 1 |
| .14 | 1981ع | غزل | 2 |
| | | قطعہ | 2 |
| .15 | 1983ع | سهرو | 1 |
| | | غزل | 2 |
| | | قطعہ | 1 |
| .16 | 1984ع | نظم | 1 |
| .17 | 1985ع | غزل | 2 |



قبلہ حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائينؒ جن جي ڪتاب "پيغام" جي واقعاتي تاريخ پيش ڪيل آهي. شاعريءَ جو سلسلو 1953ع کان 1985ع تائين ترتيبوار رکيو ويو آهي. منهنجي دلي خواهش آهي تہ ربّ پاڪ ؐ حضرت قبلہ مخدوم جميل الزمان سائين جن کي اڃا بہ وڏيڪ ادبي ڪمن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

مون خود ڏهہ/ٻارهن ڀيرا هن ڪتاب جا پروف ڏسي درستگيون ڪيون آهن. انهيءَ هوندي بہ پڙهندڙن کي ڪا غلطي ڏسڻ ۾ اچي تہ مهرباني ڪري منهنجي هيٺ ڏنل نمبرن تي مونکي آگاهہ ڪندا. مهرباني

20 مئي 2018ع

مخدوم محمد امين فهيم

ڪالوني هالا

**ماستر خادم حسين علوي**

سيڪريٽري

طالب المولىٰ اڪيڊمي

00923337985928-00923003758791
00923003056083



Gul Hayat Institute

# تاریخِ پیغام

Gul Hayat Institute

# 1953ع

16_ آگسٽ:

پاڻ هي فرد لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

تو ڦٽي دلڙي منا هڪ ئي نظر جي تير سان،
قيد هر دَم ٿو ڪرين تون زلف جي زنجير سان.

دل ڏنم توکي سڄڻ پنهنجي فقط آرام لاءِ،
تو ڏنا سَوَ ڏک منا بس صبح توڙي شام لاءِ.

تون تہ آهين وقت پنهنجي جو حسين منهنجا منا،
ڪو بہ مٽ تنهنجو نہ آهي مهہ جبين منهنجا منا.

تون پلي ونجان هميشہ منهنجو منڙا امتحان،
مان ڪندس محبوب توتان هر گهڙي قربان جان.

قدر هن وٽ ناهہ منهنجي درد غم ارمان جو،
اي ”امين“ اُن کي ڪپي ٿو خون ئي انسان جو.

(”پيغام“ ص: 274)



19_ آگسٽ:

پاڻ ڪافي لکيائون جيڪا (4) چئن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

سج لٿي تائين ڏنم پي يار تنهنجي راهہ کي،
هوس رستي تي مان وينو ٿي ڏٺاريم ساهہ کي.

نالي واري مصرع:

مونکي تنهنجي قول ۽ اقرار تي هو ڀروسو،
تو تہ سمجهيو هي ”امين“ جو آهي هڪڙو وِسوسو
۽ نہ سمجهيئي دلربا هئي هئي جگر جي باهہ کي.

(”پيغام“ ص: 252)

4_ سيپٽمبر:

پاڻ هي غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

تو ڪيو ايڏو ستم منهنجا منا ڇا جي ڪري،
دل کي ڏنيئي درد و غم منهنجا منا ڇا جي ڪري.

مقطع:

اج رئان ٿو ياد ڪنهن جي ۾ ”امين“ آهي عجب،
۽ رئن ٿا مس قلم منهنجا منا ڇا جي ڪري.

(”پيغام“ ص: 51)

Gul Hayat Institute

16_ سيپٽمبر:

پاڻ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبّت سندءِ تي وڏائي اٿم،
اها ڳالهه توکي ٻڌائي اٿم.

مقطع:

”امين“! اهڙي نيبهه محبّت ٿيم،
”سڄي رات روئي وهائي اٿم.“

(”پيغام“ ص: 114)

29_ سيپٽمبر:

پاڻ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبّت سندم مه جبينن کان پڇجو،
هلت ۽ چلت جو قريبن کان پڇجو.

مقطع:

جفائن جي بدلي وفائون ڪيم ڇو؟،
اهو عشق جي ڪِن امينن کان پڇجو.

(”پيغام“ ص: 113)



8_ آڪٽوبر:

پاڻ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

منهنجي تہ خوشي تہ سِوا منٿن ۾ هلي وئي،
دل جي بہ صدا دل جي ئي ڏڙڪن ۾ هلي وئي.

مقطع:

هڪ ڏينهن ڪيم دانهن ”امين“ جوشِ جنون مان،
سا منهنجي صدا تير ٿي سهڻن ۾ هلي وئي.

(”پيغام“ ص: 137)

19_ نومبر (رات 3:30):

پاڻ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

پڙهيو مون قرب جو جيئن پي ڪتاب آهسته آهسته،
ويس ٿيندو اُنهيءَ مان فيضياب آهسته آهسته.

مقطع:

رقيبن ٿي وڏا رولا مگر، بيسود سڀ ٿي ويا،
”امين“ جو عشق ٿي ويو ڪامياب آهسته آهسته.

(”پيغام“ ص: 43)



Gul Hayat Institute

19_ نومبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءَ ڪافي لکيائون جيڪا (7) ستن بندن تي مشتمل آهي:

ٿل:

منهنجي تہ دل جو آهين دلدار سهڻا سائين،
جلدي ڪراءِ پنهنجو ديدار سهڻا سائين.

نالي واري مصرع:

هر دم هٽان صدائون ڪر بخش سڀ خطائون،
آهيان ”امين“ آئون نيڪار سهڻا سائين.

(”پيغام“ ص: 243)

4_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءَ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اڪ پٽڻ ڪان اڳ بہ آهين منهنجا دلبر مون اڳيان،
هر گهڙي هر وقت ۾ موجود هر هر مون اڳيان.

مقطع:

قرب واري جي برابر ڪير آ دنيا اندر،
هيچ آهن اي ”امين“ دارا، سڪندر مون اڳيان.

(”پيغام“ ص: 23)



15_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءَ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

وڃڻ ويلي روئي تنهنکي چيم دلبر! خدا حافظ،
اچا ڪي ڳالهيون توسان ڪيان ها پر خدا حافظ.

مقطع:

وسارين يا ڏڪارين تہ بہ مان توڪان منهن نہ موڙيندس،
بظاهر پيو پلي تون چئو ”امين“ هر هر خدا حافظ.

(”پيغام“ ص: 150)

19_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءَ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي جنهن جي مطلع ۽ مقطع هي آهن:

مطلع:

پنهنجي دلدار ساڻ ملڻو آ،
خوش ٿي هر حال تنهن سان هلڻو آ.

مقطع:

دائما اي ”امين“ محمّد ﷺ جو
عشق جهوليءَ ۾ پائي جهلڻو آ.

(”پيغام“ ص: 44)



Gul Hayat Institute

21_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ ”هوا سان خطاب“ جي عنوان سان هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي ۽ ”هوا جو جواب“ عنوان سان چئن سٽن جو قطعہ لکيائون:

مطلع:

ڇا؟ هوا تون پڻ ڪرين ٿي عشق جو رلندي وتين،
بي خبر! ڪھڙيون نيون جايون گھٽيون گھمندي وتين.

مقطع:

جا پڇين ٿو ڳالھہ مون کان پاڻ کان سا پاڻ پڇ،
هي جواب آهي خدا حافظ! زياده ڪين ڪڇ.

***

قطعہ:

ڇڏ ڪٿي هن ڳالھہ کي اي عشق جا ڪاڏل ”امين“
تون بہ خود آهين ڳُنل مون کان وري ڇا ٿو پڇين.
جا پڇين ٿو ڳالھہ مون کان پاڻ کان سا پاڻ پڇ،
هي جواب آهي خدا حافظ! زياده ڪينَ ڪڇ.

(”پيغام“ ص: 276)



1_ فيبروري (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

قتل گھہ ۾ ٿا ڳُسن بيوس مسافر رات ڏينهن،
آزمائي يار ٿو ابرو جو خنجر رات ڏينهن.

مقطع:

شوق دل جا سڀ ڇڏي آهن ”امين“ تولئہ ڏنا،
يار تنهنکي آهي تنهنجوئي تصّور رات ڏينهن.

(”پيغام“ ص: 97)

17_ فيبروري (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءَ ڪافي لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتمل آهي:

ٿل:

هنئي دل جي بازي اٿم بيوفا سان،
ڪئي دل جي نيازي اٿم بيوفا سان.

نالي واري مصرع:

سڄڻ ساڻ منهنجي سچي دل لڳي آ،
اهو عشق ۾ منهنجي لئہ غزنوي آ.
”امين“ دل ايازي اٿم بيوفا سان.

(”پيغام“ ص: 247)



Gul Hayat Institute

11_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

مون گھڻئي راهون ڏٺيون پر التجا پوري نه ٿي،
بره جي بيمار جي آخر دوا پوري نه ٿي.

مقطع:

نيم بسمل آخري دم تي چيو روئي "امين"،
منهنجي قاتل جي اجا شايد رضا پوري نه ٿي.

("پيغام" ص: 131)

12_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اي سڄڻ، منهنجا مٺا! توکان جدا مان ڪيئن رهان،
منهنجي دردن جي دوا ڪر، لادوا مان ڪيئن رهان.

مقطع:

ٿا چون بعدِ فنا پيهر ٻه ملبو پر "امين"!،
پنهنجي پياري يار کان جيئري جدا مان ڪيئن رهان.

("پيغام" ص: 33)



## 1954ع

21_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

سگھو دل جا دلبر! دلارا! تون آ،
سڪايل سنڌ جا سهارا! تون آ.

مقطع:

فقط تنهنجو ۽ تنهنجو آهي "فهيم"،
وٺس بي خبر آشڪارا تون آ.

("پيغام" ص: 92)

7_ جولاءِ (ڪوئٽه):

پاڻ ڪوئٽه ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

دل ۾ پيدا ٿي ويو آ درد و غم،
جو اکين ۾ لڙڪ آهن دم بدم.



Gul Hayat Institute

مقطع:

حال جهڙو آهي تهڙو اي ”امين“!،
پر لکڻ ۾ تيز آ تنهنجو قلم.

پاڻ فرمائين ٿا تہ ”ڪوئٽہ ۾ سائين جن (قبلا طالب المولىٰ سائين) کي معلوم ٿيو تہ مون شاعري شروع ڪئي آهي. پاڻ طرح ڏنئون، اُن تي هي غزل لکيم.“

(”پيغام“ ص: 78)

9_ جولاءِ (زيارت):

پاڻ زيارت ۾ هيءُ قطعہ لکيائون:

بي وفا سان وفا ڪندس آئون،
دل جون ڳالهيون صفا ڪندس آئون،
دشمنِ دل تي اي ”امين“ هر دم،
رسمِ رحمت روا ڪندس آئون.

(”پيغام“ ص: 167)

21_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

دل کي عاشق تون بيقرار نہ ڪر،
بيوفا سان ڪڏهن بہ پيار نہ ڪر.



مقطع:

رخ نہ توڙين ”امين“ کي جيڪر،
پنهنجي دل تي مگر غبار نہ ڪر.

پاڻ فرمايائون تہ ”محبوب (محمد بچل پنوهر) جي ڏنل طرح تي هي غزل لکيل آهي.“

(”پيغام“ ص: 75)

22_ جولاءِ (هاءِ اسڪول هالا):

پاڻ هاءِ اسڪول هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

سچڻ توسان دلڙي ملائي چڪس،
اکين کي بہ توسان اڙائي چڪس.

مقطع:

الف، ميم، يي، نون، جي پڌ صدا،
متا جان جندڙي جلائي چڪس.

(”پيغام“ ص: 87)

Gul Hayat Institute

22_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبّت ڪي دل ۾ وسائڻ نه آيو.
رُٺل مه لقا ڪي مڃائڻ نه آيو.

مقطع:

”امين“ شوق اُنکي ستائڻ جو آهي،
پر اُنکي اجائي ستائڻ نه آيو.

(”پيغام“ ص: 116)

15_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

يا خدا، مون لاءِ هن کي ڪجهه سچائي ڏين ته ها،
سنگدل کي اي ڏٺي دل ۾ صفائي ڏين ته ها.

مقطع:

منهنجي هن تاريڪ دنيا کي خدا ڪارڻ ”امين“،
اج جمالِ حسن سان ڪجهه روشنائي ڏين ته ها.

(”پيغام“ ص: 157)



17_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (11) يارهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ڇا عشق آهي شڪوه شڪايت جي واسطي،
منهنجي به آهي ماڻ عدالت جي واسطي.

مقطع:

پرده نشين کي ڇئجو محمد ”امين“ روز،
آيو تي صبح و شام زيارت جي واسطي.

(”پيغام“ ص: 61)

20_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ويڇڻ بعد هر ڪنهن جون خوبيون ٿيون ڏسجن،
رڳو تن جون يادون ۽ ڳالهيون ٿيون ڳڻجن.

مقطع:

ڪري رحم مون تي اچي محب موٽي،
”امين“ شال بيهر اڱڻ منهنجا ڀڪن.

پاڻ فرمائين ٿا ته ”هي غزل مرحوم ڏاڏا مولوي مخدوم غلام حيدر صاحب جن جي انتقال بعد لکيو ويو.“

(”پيغام“ ص: 148)



Gul Hayat Institute

آگسٹ (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

مونکي اچي تو جذبئہ اُلفت وري وري،
توسان ملڻ جي تو رکان جرئت وري وري.

مقطع:

تنهنجي ئي نام جو آ سدا طالبو "فهيم"،
توکي آ تنهن غريب جي پارت وري وري.

("پيغام" ص: 130)

2_ نومبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

خطادار آهيان خطادار آهيان،
مگر توسان هر دم وفادار آهيان.

نالي واري مصرع:

جڏهن ڪوبہ وچڙيل مون وانگي ڏسين تون،
مان ڪهڙو بہ آهيان سندءِ يار آهيان،
وسارج نہ تنهن دم محمد امين تون.
خطادار آهيان خطادار آهيان.

("پيغام" ص: 217)



23_ نومبر (حيدرآباد سنڌ):

پاڻ نعت حيدرآباد ۾ لکيائون جيڪا (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محمّد ﷺ تنهنجي مي جو مان ٿيس ميخوار بسم الله،
پري ساقي پيالي تي پيالو پيار بسم الله.

مقطع:

"امين" مشڪل اچي ڪوئي تہ پڙهہ صلوات سيّد تي،
غم و اندوهہ مان ٿي ويندا پيڙا پار بسم الله.

پاڻ فرمائين ٿا تہ "اڳاري جي خوش نصيب ڏينهن خواب ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جو ديدار نصيب ٿيو نند مان اُٿي هي نعتيہ غزل لکيو ويو."

("پيغام" ص: 3)

14_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبّت جي عوض ڪنهن وٽ محبت ڪا نہ ٿي ڏسجي،
عجب آهي زماني ۾ عدالت ڪا نہ ٿي ڏسجي.

Gul Hayat Institute

مقطع:

وفا جي آسري هن وٽ رکين ٿو دل امانت پر،
صفا ثابت امين وٽ امانت کا نہ ٿي ڏسجي.

پاڻ فرمائين ٿا تہ ”في البديہ مشاعرو بنگلي تي ڪيوسين. غلام قادر ”حسرت“ طرح ڏني. اڌ ڪلاڪ ۾ لکيل غزل.“

(”پيغام“ ص: 111)

18_ ڊسمبر (هالا)

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن بندن تي مشتمل آهي:

مطلع:

آئـــون تنهنجـــي تـــار ۾ ڦاســـي پـــيس،
عشـــق جـــي آزار ۾ ڦاســـي پـــيس.

مقطع:

ڪنهن جي قيدي ٿي رهڻ جي لئہ ”امين“،
چـــاڻي واٽـــي چـــار ۾ ڦاســـي پـــيس.

پاڻ فرمائين ٿا تہ ”هالن ۾ في البديہ مشاعرو ڪيوسون، پندرهن منٽ وقت رکيل هئو محبوب، حسرت، ساقي ۽ مون غزل لکيا، گره وارو شعر منهنجو ۽ محبوب صاحب جو بلڪل هڪ جهڙو ٿيو.“

(”پيغام“ ص: 16)



20_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ هيءُ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ڪين تون پنهنجي جفائن جي ڪرين ٿو ڪار بس،
ڪيئن پلا آهُن ۽ دانهُن ڪان ڪريان دلدار بس.

مقطع:

مونکي دنيا جا سهارا ڪين ٿا گهرجن ”امين“،
پنهنجي ڪارڻ آهي هڪڙو احمدِ مختار بس.

پاڻ فرمائين ٿا تہ في البديہ مشاعرو بنگلي تي ڪيو ويو اڌ ڪلاڪ اندر لکيل غزل.

(”پيغام“ ص: 105)

22_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

نهاريـــان ٿـــو هـــر وقـــت تنهنجـــي گســـن ۾،
ڪـــڏهن ايـنـدين سـهڻا تـــون صـــحنِ چمـــن ۾.

Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

سچڻ تون تہ مونکي وساري سگھين ٿو.
جدا پڻ خوشي ساڻ گھاري سگھين ٿو.
"امين" تو سِوا ڪيئن گذاري غمن ۾.

پاڻ فرمائين ٿا تہ "في البديہ مشاعري ۾ غلام قادر "حسرت" جي ڏنل طرح تي اڌ ڪلاڪ اندر ڪافي لکي ويئي."

("پيغام" ص: 245)

26ـ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ڪرين ڇو ٿو سهٽا ستائڻ جي ڪوشش،
سچڻ پنهنجي صورت لڪائڻ جي ڪوشش.

مقطع:

اُهو ڪير آهي محمد "امين" جي،
جُتي ۾ ڪري پير پائڻ جي ڪوشش.

پاڻ فرمائين ٿا تہ "رفيق ڪمپني هالا" ۾ سائين جن جي زيرِ صدارت هڪ في البديہ مشاعرو ٿيو. سيني کان طرحون ورتيون ويون، مون بہ طرح ڏني، جا سيني پسند ڪري منظور ڪئي، اُن تي سيني ڪلاڪ اندر غزل لکيا. سائين جن! اختر صاحب (اختر هالائي) محبوب صاحب (محمد بچل پنوهر) انور (محمد شفيع انور هالائي)،



ساقي صاحب (سيد علي احمد شاهہ ساقي سروري) ۽ ٻيا بہ ڪيترا شاعر هئا جن غزل لکي پڙهيا. هي منهنجو غزل محبوب پڙهيو.

("پيغام" ص: 98)

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

گلن سان گڏ رهڻ جي لاءِ مونکي خار ٿيڻو پيو.
تڏهن اُن جو ٿيس جڏهين ٻين تي بار ٿيڻو پيو.

مقطع:

"فهيم" آخر نہ ڪجهہ وريو وڏائيءَ اميريءَ مان،
ڇڏي شاهي، گدائي ڪوچئہِ دلدار ٿيڻو پيو.

("پيغام" ص: 107)

1ـ جنوري (ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

منهنجي ڦاسڻ لئہ بنايئين دام خاص،
سنگدل جو ٿيو تڏهن آ، نام خاص.

Gul Hayat Institute

مقطع:
هاڻ ڪيئن ويهان هتي هڪ پل "امين"،
خط ۾ مون ڏي آهي هڪ پيغام خاص.

پاڻ فرمائين ٿا ته "ڪراچيءَ ۾ سائين جن وٽ سرشار عقيلي صاحب آيو محفلِ احباب جو مشاعرو هئو مصرع ڏئي ويو. اُن تي مون به غزل لکيو. منهنجو غزل سائين جن (قبلا طالب المولىٰ سائين) پڙهيو! پنجون شعر سرشار جي پٽ ٽيپو جي هڪ شعر سان ڪافي مليو.

("پيغام" ص: 138)

3- جنوري (ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ قطعه لکيائون:

دردِ فرقت ڪيو بيحال خدا خير ڪري،
هي به سڪندي ويو لنگهي سال خدا خير ڪري،
يادگيري نه ڪئي يار "امين" ڪهڙي سبب،
اڄ به آيو نه ڪو احوال خدا خير ڪري.

("پيغام" ص: 175)

5- جنوري (ٽاٽو بولا خان):

"نئون سال" جي عنوان سان پاڻ ٽاٽو بولا خان ۾ نظم لکيائون:

نوان باغ بنگلا هي بستيون ۽ جايون،
نئين سال ۾ سڀ بنجي آيون،
پرين هو پراڻيون ڇڏي ڏي جدايون
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.



پلا چو سڄڻ ويٺين وعدا وساري،
هي عاشق اجا ويٺو راهون نهاري،
"فهيم" آهي تنهنجي ئي سهڻل سهاري،
پرين جيڪڏهن تون اچين قول پاري،
ته لوڪان لڪي پاڻ محفل مچايون،
نئين سال ۾ اڄ نئون نينهن لايون.

("پيغام" ص: 199)

16- جنوري (هالا)

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:
پڏڻ وارن لئه دلداريءَ سندو ساحل به ڪجهه ناهي،
مرڻ وارن جي سر تي خنجرِ قاتل به ڪجهه ناهي.

مقطع:
دلاسو درد مندن لئه "امين" عربي جو ڪافي آ،
اڳيان محبوب مرسل جي سندم مشڪل به ڪجهه ناهي.

پاڻ فرمائين ٿا ته "سائين جن وٽ في البديه مشاعرو ٿيو. طرح مصرع پاڻ ڏنئون. پاڻ (طالب المولىٰ سائين)، اختر، انور، محبوب ۽ مون غزل لکيا."

("پيغام" ص: 41)

Gul Hayat Institute

16_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ بيت ۾ لکيائون جيڪو (3) ٽن سٽن تي مشتمل آهي:

ڪوجها ڪنڙا قياس جهڙا،
جيون ٿا جهان ۾ اوهان جي آڌار
ساجن لهجو سار اچي اٽانگي وقت ۾.

پاڻ فرمائين ٿا تہ "منهنجي شاعريءَ ۾ بيت جي شروعات مٿين چئن بيتن کان ٿئي ٿي، جي "ڪچڪول" ڪتاب پڙهندي، اُن کان متاثر ٿي لکيا ويا."

("پيغام" ص: 251)

16_ مئي (هالا)

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون جيڪو (3) ٽن سٽن تي مشتمل آهي:

سڄڻ ساهہ پساهہ کي وڪ کان ويجهو تون،
دنيا دورنگي کان موليٰ بچائج مون،
هدايت ساڻ هلون اچي اٽانگي وقت ۾.

("پيغام" ص: 251)



# 1955ع

16_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون جيڪو ٽن سٽن تي مشتمل آهي:

حاڪم تنهنجي حڪم سان محبت من رهي،
دريا پنهنجي دل جو وحدت ڏانهن وهي،
پلي پيئي ٻهي دنيا پنهنجي ڏن تي.

("پيغام" ص: 252)

16_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون جيڪو ٽن سٽن تي مشتمل آهي:

دنيا پنهنجي ڏن تي محبت منهنجي من،
مولا تنهنجي طلب ۾ ويچا سڀ وڄن،
چوري روز چپن "امين" اوهان جي اسم سان.

("پيغام" ص: 252)

1_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

موت مسافر اڪڙيون اُجايون،
اچ توري دل، دل سان ملايون.

Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

هاڻ ڪجي ڇا ڪهڙو ڪس آ،        توکي آڏيان منهنجو نـه وس آ،

تنهنجـــي ”امـــين“ ڪــــل واتـــون وڃـــايون،
مـــــوٽ مســــــافر اڪڙيـــــون اُڃــــايون.

(”پيغام“ ص: 244)

30_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُر پيروي_ ڪلواڙو ۾) لکيائون جيڪا (7) ستن بندن تي مشتمل آهي جنهن جي ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

ڇو ڇڏي وئين ڇني ناز وارا،
ڪر ڪرم ڪو وري تون قرارا.

نالي واري مصرع:

ڇونـه چشمن تي رکيا ڇمي سي،        خاص آهن محمد ”امين“ جي،

پـــــاڪ پيــــــزار پــــــرين جـــا پيـــارا.

(”پيغام“ ص: 218)



30_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُر پيروي_ ڪلواڙو ۾) لکيائون جيڪا (7) ستن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

دل ڦُري وئين هليو ڇو پيارا،
سهڻا سائين سندم جيءَ جيارا.

نالي واري مصرع:

”امين“ ڏي سگهو يار هيڪر،        سوال ساڳيون ڪريان ٿو ٻيهر،

مـــل اچـــي مـــون ســـان منهنجـــا موچـــارا.

(”پيغام“ ص: 220)

2_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

بيوفـا دنيـا سـان نـاتو نيـٺ مشـڪل ٿـي ويـو،
جنهن ڪي مون، آسان ڄاتو نيٺ مشڪل ٿـي ويـو.

مقطع:

ڏس ”امين“ سيني ۾ ڪيئن سانديو هلئين ٿي صاف دل،
ڪنهن نـه پرتوکي سڃاتو! نيٺ مشڪل ٿـي ويـو.

(”پيغام“ ص: 36)

Gul Hayat Institute

12_ سيپٽمبر (هالا):

پاڻ حيدرآباد ۾ مشترڪ غزل لکيائون جيڪو (16) سورهن شعرن تي مشتمل آهي. هن غزل ۾ قبلہ محمد امين فهيم سائين جن خود ۽ سيد علي احمد شاهہ ساقي سروري طبع آزمائي ڪئي. پاڻ فرمائين ٿا تہ ”هي اُن وقت جو غزل آهي جڏهن1955ع ۾ وڏي ٻوڏ اچڻ جو امڪان هو ۽ اسين هالا کان حيدرآباد جي ٻئراج ڪالونيءَ ۾ هجرت ڪري آيا هئاسون.“ غزل جي مطلع ۽ مقطع هي آهن:

ساقي:

بلندي تي ڪيو بيهي مون اقرارِ وفا يارو.
زمين وارا مگر مون کان ٿين ڇو ٿا خفا يارو.

مطلع:

امين:

عجب آزادگي آخر اٻوجهن کي ملي آهي،
اهائي مهرباني تن مٿي ڪئي آ خدا يارو.

ساقي:

پريشان ٿي ڏٺو ”ساقي“ کي محفل جي اندر ماڻهن،
جڏهن ٿي ختم ويئي اُن جي دل جي هر صدا يارو.

مقطع:

امين:

سندس ئي يادگيري آ جو اُن ريءَ بيقرار آهيان،
”امين جي عشق جي ڏاڍي ٿي ابتدا يارو.

(”پيغام“ ص: 278)



2_ آڪٽوبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ مناجات لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي. هن ۾ ربّ پاڪ کان دعا گهرڻ جو انداز پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ مطلع ۽ مقطع هي آهن:

مطلع:

يا خدا! او مهربان!! منهنجا خدا!! منهنجا خدا!!!
پنهنجي هڪ ناچيز بندي جي بہ سڻ اڄ التجا.
مان نہ پنهنجي وس رهيس مون تي ئي پنهنجو وس هلاءِ،

مقطع:

ڪين تون پنهنجي ڪِنِ ڪوجهن تان ٻيو ڪوئي ڪلاءِ،
مهر سان مالڪ مٺا! پنهنجي ”امين“ جي سڻ صدا.
يا خدا! او مهربان!! منهنجا خدا!! منهنجا خدا!!!

پاڻ فرمائين ٿا تہ هالن ۾ مون ۽ مهر عليءَ وزن مقرر ڪري اُن تي ڪلاڪ اندر غزل لکيا.

(”پيغام“ ص: 265)

26_ آڪٽوبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ نظم لکيائون جنهن جو عنوان محبت جي محفل آهي. هي نظم (7) ستن بندن تي مشتمل آهي جنهن جي مطلع ۽ مقطع هي آهن:

مطلع:

محبت جي محفل ملهايون پو وچ،
هي رئندڙا ڪيون پڻ کلايون پو وچ،
مٺا خوش ٿي ڳايون وڄايون پو وچ،

Gul Hayat Institute

ملي بلبل و گل سڪايون پو وچ،
پرين ترس نئون نينهن لايون پو وچ،
نہ وچ جلد پر پيچ پايون پو وچ.

مقطع:

پلي آئين دلدار منهنجا "امين"،
هجين شاد آباد شل مهہ جبين،
جدا مونکان هڪڙي گهڙي تون نہ تين،
ڪرم جي نہ توٽ ڪمي آ پرين،
سڄڻ ڪجهہ تين روشنايون پو وچ،
نہ وچ جلد پر پيچ پايون پو وچ.

("پيغام" ص: 196)

21_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ مناجات لکيائون جيڪا (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي جنهن جي مطلع ۽ مقطع هي آهن:

مطلع:

اسان جي شهر هالن کي بچائج يا رسول الله،
سيئي مشڪل غريبن تان هٽائج يا رسول الله.

مقطع:

"امين" جو سائين تون رهبر بہ تون ۽ آسرو پڻ تون،
قدم پنهنجا ڪڏهن اُن وٽ گهمائج يا رسول الله.

پاڻ فرمائين ٿا تہ هالن کي دريا پائڻ کان خطرو هو. هيءَ هڪ التجا لکي وئي.

("پيغام" ص: 263)



## 1956ع

18_ فيبروري (هالا) (رات 3:30):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

تون هر وقت منهنجي ئي دل ۾ رهين ٿو،
تڏهن پڻ ڪرين ٿو نتائڻ جي ڪوشش.

مقطع:

"امين" پنهنجي لئہ ڪافي آهي فقيري،
متان تون ڪرين سَر سڏائڻ جي ڪوشش.

("پيغام" ص: 52)

25_ مارچ (ڏني جي پٽ):

پاڻ ڏنيءَ جي پٽ تي فرد لکيائون:

منهنجي اکين ۾ لڪل منهنجوئي هڪڙو يار آ،
ڇا جهان ڄاڻي تہ هي ڪهڙو عجب اسرار آ.

Gul Hayat Institute

پاڻ فرمائين ٿا تہ ”شهدادپور جي مسافريءَ تي وڃڻ ٿيو. ڏني جي پٽ ۾ دعوت هئي، حسين بخش خادم هڪ مصرع طرح ڪٽي آيو تہ ان تي سڀ هڪ هڪ شعر لکن تہ غزل ٿئي. مون مٿيون شعر لکيو. ٻين بہ اُن تي جدا جدا شعر لکيا.“

(”پيغام“ ص: 273)

12_ اپريل (هالا):

پاڻ هالا ۾ قطعہ لکيائون:

مدينې ڏي جيڪر وڃان مان اُڏامي،
محمّد رضی اللہ عنہ جي در جي چڱي آ غلامي،
ٿيان هوند نوڪر سندس دَرَ جو دربانُ،
شب و روز اُن جي پريان مان سلامي،
ٿيو اُن جي هڪ ئي نظر ساڻ سارو
مدينو ”امين“ آهي نامي گرامي.

(”پيغام“ ص: 180)

6_ مئي (هالا)

پاڻ هالا ۾ فرد لکيائون:

”ساقي“ رڱيو شراب پيارڻ ۾ مَحِوُ آ،
چا ڄاڻي اي ”امين“ تہ وفادار آهي ڪير.

پاڻ فرمائين ٿا تہ علي احمد شاهہ ساقي ڏي هي شعر موڪليو ويو.

(”پيغام“ ص: 275)



17_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبوب بنا هي روشن راتيون، چنڊ ۽ تارا ڪين ڪپن،
جي پيار ڏئي پو ڏار ڪندا، سي سهڻا سهارا ڪين ڪپن.

مقطع:

اڄ تون ئي ”امين“ اڄ منهنجي اڱڻ ڪر روشن روح اچي رهبر،
ير تون ئي ڏتاريندي دلڙي ٻيا دل جا دلارا ڪين ڪپن.

(”پيغام“ ص: 117)

12_ جون (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

فقط مون سان ملڻ آيو هو اڄ دلبر، قمر بنجي،
مگر آڏو رقيب آيو هليو ڪارو ڪڪر بنجي.

مقطع:

اُهوئي نوڪرون ڪائيندو ڦرندو آهي دنيا ۾،
”امين“ جيڪو محبّت ۾ اچي ٿو باخبر بنجي.

(”پيغام“ ص: 96)



Gul Hayat Institute

5_ جولاءِ (جاڙا واٽر هالا):

پاڻ جاڙا واٽر هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

زمين خاموش ۽ خود آسمان خاموش آهي،
الاجي ڇو محبّت جو جهان خاموش آهي.

مقطع:

”امين“ جي روبرو هُو بي گمان خاموش آهي،
خدا ڄاڻي ته ڇو اڄ پاسبان خاموش آهي.

(”پيغام“ ص: 86)

6_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ قطعه لکيائون:

مون کان لڪائي ستارن کي، اَبَر روئي ڏنو
جدا جدا ڪندي پيارن کي اَبَر روئي ڏنو
نه هن کي پنهنجي ستم جي خبر رهي ليڪن،
ڏسي نه رنگين نظارن کي اَبَر روئي ڏنو.

(”پيغام“ ص: 181)



12_ آگسٽ (هالا) (رات: 12:30):

پاڻ هالا ۾ قطعه لکيائون:

بي قدر انسان کان پاسو ڪرڻ آهي ڇڱو
قرب وارن جي اڳيان سِرڙو سٽڻ آهي ڇڱو
دل ڏيڻ توڙي ونڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي ”امين“،
هن جهان فاني جو لاڳاپو ڇنڻ آهي ڇڱو.

(”پيغام“ ص: 168)

18_ فيبروري (هالا):

پاڻ هالا ۾ قطعه لکيائون:

ڇڱو جو مونکي مليو درد پنهنجي دلبر جو
جوان سبب ٿي گهٽيو انتظار محشر جو
ڪٽي ڪٿي به هجان مون سان هُو ملي نه ملي،
تڏهن به وردِ زبان هوندو نام سروَر جو.

پاڻ فرمائين ٿا ته هي قطعه بخار ۾ لکيو ويو. حسن شاهه (احسن الهاشمي) ۽ گل محمد موجود هئا.

(”پيغام“ ص: 172)

28_ آگسٽ (هالا)

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

ماهرو منٺار سان سونهن جي سردار سان،
دلبر دلدار سان اڄ جدائي ٿي پئي.

Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

آهي ”امين“ ڪونہ ڪوڪير ڪندو فيصلو
پنهنجي دشمن آ ڏسو! خود خدائي ٿي پئي.

(”پيغام“ ص: 237)

8_ سيپٽمبر (هالا) (رات: 12 وڳي):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

جدائي گهڻو آهي جيءَ کي جلايو
خدارا وطن ڏانهن واڳون ورايو.

مقطع:

محمد، ”امين“ کي نہ اڄ، پر ڪڏهن کان،
زبان تي رڳو تنهنجو ئي نام آيو.

(”پيغام“ ص: 56)

22_ سيپٽمبر (هالا)

پاڻ هالا ۾ فرد لکيائون:

ڪي اهڙا سبب پيدا ٿي پيا جو يار رُنل ئي ڇڏڻو پيو
هي پنهنجو پيارو ديس ڇڏي پرديس ڏي هڪدم لڏڻو پيو.

(”پيغام“ ص: 273)



16_ آڪٽوبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُر پيروي ۾) لکيائون جيڪا (7) ستن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

سهڻا سانگ ڪري وِڇڙا پري ڪڏهن وري موٽي سي ملندا،

نالي واري مصرع:

”امين“ آريءَ ڄام لئہ ماندي مست مري، وِڇڙا پري ڪڏهن وري موٽي سي ملندا.

(”پيغام“ ص: 228)

20_ آڪٽوبر (هاءِ اسڪول هالا):

پاڻ هالا هاءِ اسڪول ۾ غزل لکيائون جيڪو (4) چئن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اوهين جنهن کي ٿا سمجهو خار سوئي خار ڪونهي ڪو،
آهي تيرِ نظر گل جو اَٿَوَ بيڪار ڪونهي ڪو.

مقطع:

ازل کان مون اوهان جي در جي درباني قبولي آ،
جي گهر جي سر بہ حاضر آهي، ڪو انڪار ڪونهي ڪو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ هيءُ غزل هالا هاءِ اسڪول ۾ لکيو ويو.

(”پيغام“ ص: 29)



Gul Hayat Institute

24_ نومبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

هوا اهڙي لڳي جنهن کو نہ ڇڏيو گل زماني ۾،
رهيا باقي وڃي اڄ خار منهنجي آشياني ۾.

مقطع:

فقط هڪڙو "فهيم" آهي اوهان جي پيار جو حامي،
اوهان جهڙو نہ ٻيو جنهن کي نظر آيو زماني ۾.

("پيغام" ص: 156)

ڊسمبر:

پاڻ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

پڇو ڇاڻا اي يارو! پنهنجي گل جو خار آهيان مان،
اُنهيءَ سان منهنجو ڇا، جيڪر ٻين تي بار آهيان مان.

مقطع:

مزاج يار جو اهڙو "فهيم" آهي اثر مون تي،
ڪڏهن اقرار آهيان مان ڪڏهن انڪار آهيان مان.

("پيغام" ص: 42)



16_ جنوري (ميرپور ٻٺورو):

پاڻ ميرپور ٻٺورو ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اي دلِ ناشاد هرگز تون ڏکن کان غم نہ ڪر،
تنهنجي دردن جو ڪو ٿيندو نيٺ درمان غم نہ ڪر.

مقطع:

هُو تہ مڙني کان مٿاهون، آ، سندءِ رهبر "امين"،
خود خدا جنهن جو ٿيو آهي ثناخوان غم نہ ڪر.

("پيغام" ص: 31)

8_ مارچ (ٽنڊو آدم_ رات: 9 وڳي):

پاڻ ٽنڊو آدم ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

آ سندءِ انتظار ڪافي آ،
دل تي بيدرد بار ڪافي آ.

مقطع:

راز ڪنهن کان لڪائيندين تون "امين"،
ٿي ويو آشڪار ڪافي آ.

("پيغام" ص: 12)



Gul Hayat Institute

11_ اپريل (هالا) رات: 10 وڳي:

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُر پهاڙي ڪلواڙو ۾) لکيائون جيڪا (7) ستن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

عشق اَٽانگو آهي، رَسُ ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾.

نالي واري مصرع:

عاشق "امين" تي عشق ڪمائج، پير نہ پنتي، پڙ ڪان پائج،
هت رکيو ٻيو ڇاهي؟، رَسُ ڪاهي ڪاهي، مرد ميدان ۾.
("پيغام" ص: 229)

2_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ قطعہ لکيائون:

اي يار وفادار هجئي عيد مبارڪ،
منٺار مٺا يار هجئي عيد مبارڪ،
هڪ ٻي ڪان ڪٽي دور بظاهر ٿا گذاريون،
پر ڪانهي وِٿي وار هجئي عيد مبارڪ.
("پيغام" ص: 165)

27_ جون (هالا) رات: 2 بجي

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُرَوپ ڪلياڻ ايمن ۾) لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جي ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

مڙئي اٿئي اختيار مشتاقن کي ماري سگهين ٿو.



نالي واري مصرع:

تنهنجو "امين" آيار مدامي محب مٺا منٺار،
قول پيارا پاري سگهين ٿو.
("پيغام" ص: 240)

28_ جون (هالا) رات: 2 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

دلبر جي در ڪان بهتر ٻيو در نظر نہ آيو.
دنيا ۾ ڪو ٻہ اُن جو همسر نظر نہ آيو.

مقطع:

جنهن دم "فهيم" هُن جي قاتل نظر ڪجي ٿي،
گهائل گهڻا ٿين ٿا بهتر نظر نہ آيو.
("پيغام" ص: 72)



Gul Hayat Institute

# 1957ع

10_ جولاءِ (فقير آباد رات: 10 وڳي):

پاڻ فقير آباد ۾ هيءَ ڪافي لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

منهنجا دلبر مٺا، رهه نه مون کان جدا،
منهنجا دلبر مٺا! مون ته تنهنجي ڪري سِرَ تي صدما سٺا.

نالي واري مصرع:

اي ”امين“ آهه آخر ڪندي ڪواٺ، جواچڻ ايندو منهنجي هلي حُسن ور،
مان ڪريان جنهن تان سر ساهه صدقي سدا منهنجا دلبر مٺا.

(”پيغام“ ص: 242)

13_ جولاءِ (هالا)

پاڻ هالا ۾ نعت لکيائون جيڪا (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

سڄڻ آهيان سنڌ نوڪر انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي،
تون سائين ۽ سخي سرور انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي.



مقطع:

مدد منهنجي ”امين“ آهي محمّد ڇام سونهارو،
نه جنهن جو آهي ڪو همسر، انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي.

(”پيغام“ ص: 4)

26_ جولاءِ (هالا)

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

بي وفا کي وفا جي ڪهڙي خبر،
هُن کي لطف وعطا جي ڪهڙي خبر.

مقطع:

ابتدا تي خوشين سان آهي ”فهيم“،
عشق ۾ انتها جي ڪهڙي خبر.

(”پيغام“ ص: 39)

27_ جولاءِ:

پاڻ هالا کان حيدرآباد ويندي ڪافي (سُر تلنگ ۾) لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

ٽَڪيءَ تي ڪنهن ٽوري، آ تون سڄڻ يار اوري.



Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

جاني جدائي کي اچ ڏاهي، دور رهڻ ۾ دلبر ڇاهي،
ڪجهه تہ تڪي ڏس توري، آ تون سڄڻ يار اوري.

("پيغام" ص: 213)

2_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

زماني ۾ پيدا ٿيڻ مان وريو ڇا،
اسان جي اجائي جيئڻ مان وريو ڇا.

مقطع:

"امين" جو ملڻ بعد ويتو وساري،
اُنهي سنگدل سان ملڻ مان وريو ڇا.

("پيغام" ص: 85)

20_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

مريضِ عشق جيڪر لا دوا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو،
مخالف جي پلا آب و هوا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.



مقطع:

پرين پرديس ڏي وِيَڙا سي موٽن خير سان واپس،
"امين" تي هي بہ احسان يا خدا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ "نواب شاهہ ۾ طرحي مشاعرو ٿيو. منهنجو هي غزل خادم (حسين بخش) ترنم سان پڙهيو."

("پيغام" ص: 125)

11_ سيپٽمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

آرزو بيڪار ٿي،
زندگي آزار ٿي.

مقطع:

يار جي در تي "فهيم"،
رهڻو ٿئي پينار ٿي.

("پيغام" ص: 9)

13_ سيپٽمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿلهہ ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿلهہ:

تنهنجا پاڳ خدا ڪيا پلارا،
سخي سرور سچارا، سوپارا.



Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

سوئي پار ٿيو خوش بار بار ٿيو　　نزدڪ، يار ٿيو ۽ آشڪار ٿيو

جيڪو پيو تون پاري پيارا
سخي سرور سهارا سوپارا

("پيغام" ص: 208)

18_ سيپٽمبر (هالا) رات: 11 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

واهه ڙي منهنجا مٺا او دلربا! شاباس هجئي!
نيٺ وئين مونکي ڪري جاني جدا شاباس هجئي.

مقطع:

نيٺ قسمت وانگي اج پڻ تون وئين هلندي ڇڏي،
باوفا اج تون بہ ٿي وئين بيوفا! شاباس هجئي.

("پيغام" ص: 146)

25_ آڪٽوبر (هالا) رات: 11 کان 11:50:

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

گلڙن لاتي آ گلزاري،
لوڪ سڄي ۾ ٿي وئي بهاري.



نالي واري مصرع:

سُور "امين"! سڀ سر سهسائي،
يار سان پختي لاتم ياري.

("پيغام" ص: 236)

12_ نومبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (3) ٽن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

سو سهڻو سدا دل ساري　　ڪيئن محب مٺي کي وساري
جنهن لئہ ساهہ ٿو سڪي، ارواح ٿو سڪي....

نالي واري مصرع:

شل نصيباً سڄڻ سان ملان هڪ دفعو　　هن حياتي جو مقصد ڏسان هڪ دفعو،
منهنجو ماهہ لقا، دل سندو دلربا،　　من چار گهڙيون گڏ گذاري.

("پيغام" ص: 227)

20_ نومبر (اَچ شريف) رات: 9:30 وڳي:

پاڻ اَچ شريف ۾ ڪافي (سُرَ پيروي ۾ لکيائون) جيڪا (8) اٺن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

جڏي جند وري شال جانب جياري،
ٿين سانگ سرها وطن واڳ واري.



Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

”فهيم“ آهيان ڪانءِ، پارت ٿئي منهنجي،
رهي دور منزل ۽ ٻي راهه اهنجي،
رڙهان پئي رَندن تي، سڄڻ تو سهاري.

پاڻ فرمائين ٿا ته اڄ وڃڻ ٿيو. رات جو ڪافيءَ جو في البديه مشاعرو ڪيوسون. مون، ساقي سروري ۽ خادم سروري ڪافيون لکيون.

(”پيغام“ ص: 214)

4۔ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اڄا اُن جي اڳيان اي يار! ليلائڻ نٿو ڄاڻين،
رُئل کي رمز سان ريبي، تون ريجهائڻ نٿو ڄاڻين.

مقطع:

”فهيم“ آهين ڏکويل ڇو انهيءَ جي ڪنهن کي ڪل ڪانهي،
۽ تون پڻ پنهنجي حالت ڪنهن کي سمجهائڻ نٿو ڄاڻين.

(”پيغام“ ص: 20)



8۔ ڊسمبر (ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي)

رات: 10 کان 11 بجي صبح:

پاڻ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ڪيڏو نه لطف آهي شبِ انتظار ۾،
هر دم رهان ٿو مَحوُ فقط يادِ يار ۾.

مقطع:

هُن جي ڏني ٿئي دل پڙ منرده باغ باغ،
اهڙو ”فهيم“! آهي اثر قربدار ۾.

پاڻ فرمائين ٿا ته ”ڪرم جي ڳوٺ في البديه مشاعرو ڪيوسون. ساقي، خادم ۽ حسرت به غزل لکيا.“

(”پيغام“ ص: 103)

11۔ ڊسمبر (هالا) رات: 8:10 وڳي:

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون:

نرمل نوح فقير ڪيئي ڪرم ڪيا،
مون ڪان سي ميا ڪڏهن ٿيا ڪين ڪي.

(”پيغام“ ص: 252)

Gul Hayat Institute

12_ ڊسمبر (ڳوٺ جمال ڏهري) شام: 4:30 وڳي:

پاڻ ڳوٺ جمال ڏهري ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

حضورِ يار ۾ هر دم سرِ تسليم خم ٿي ويو،
اهو هڪ خاص خالق جو مٿم لطف و ڪرم ٿي ويو.

مقطع:

”فهيم“ اُن جي ئي آمد جي ڪري پنهنجو ڪڪائون گهر،
خزان ۾ اڄ بدلجي آهي سو باغِ اِرَم ٿي ويو.

پاڻ فرمائين ٿا ته جمال ڏهري ڏي تترن جو شڪار هو. رات جو ڪاليج مشاعرو ٿيڻ وارو هو. اُن لاءِ شڪار کان بعد غزل لکيم.

(”پيغام“ ص: 65)

21_ ڊسمبر (ڳوٺ قاسم ٻگهيو) رات: 8 وڳي:

پاڻ ڳوٺ قاسم ٻگهيو ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

يا مونکي علمبردار نه ڪر، يا منهنجو ڪو خالي وار نه ڪر،
هي عرض آ توکي منهنجا خدا، ڪنهن غير اڳيان لاچار نه ڪر.



مقطع:

هت ڇا جو ”فهيم“ اڄ فڪر ڪبو لاڳاپا ڏي تون ڪاهي پئو
هن عشق جي دريا منجهه گهڙي ڪو عار نه ڪر انڪار نه ڪر.

پاڻ فرمائين ٿا ته قاسم ٻگهئي جي ڳوٺ ڊرامه ۾ مشاعرو سائين جن جي صدارت هيٺ ٿيو. مون اڳواٽ غزل ڪو نه لکيو هو. اُتي فقط پندرهن منٽ اڳ (مشاعري کان) ماني کائيندي هيءُ غزل حسرت ڪي لکائيندو ويس.

(”پيغام“ ص: 158)

پاڻ ڪافي (سُرَ پيروي) ۾ لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٽل ۾ نالي واري مصرع هي آهن:

مطلع:

تنهنجون ڳالهيون سڄڻ پئي ڳائيندي‌س،
اِنهيءَ رمز سان روح ريجهائيندي‌س.

مقطع:

وڃي ويهي رهئين مون کان ڏاڍو پري،
تنهنجي ويئي سري، منهنجي ڪين سري،
تون ”امين“ ٿي اڄ انصاف ڪري،
پلا توکي ڪيئن مان پلائيندي‌س.

(”پيغام“ ص: 210)



Gul Hayat Institute

15ـ جنوري (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اوهان جي اٿم ياد، شب روز جاني،
ڪڏهن ڪا اچڻ جي ڪريو مهرباني.

مقطع:

”امين“ هن زماني ۾ خاموش رهجئين،
متان ڪم اچي پيار ۾ بي زباني.

(”پيغام“ ص: 27)



## 1958ع

7ـ فيبروري (لڪياري آباد) رات: 8:55 وڳي:

پاڻ لڪياري آباد ۾ بيت لکيائون. جيڪو (7) سٽن تي مشتمل آهي.

ڪلن خوش ٿي خير سان شل سڄڻ سونهارا
جُڙيل هجن جُوءِ ۾ سانگي سوپارا
اچي ڪن ڪي قرب جا وِلهيءَ تي وارا
تن جي تات طلب ۾ ٿيون اکيون اوتارا
جن جي فڪر ”فهيم“ ڪي سي پرين اچن پيارا
مون سان مل منهنجا منٺڙا موچارا
اکڙين اوجارا اچن شال اڱڻ تي

پاڻ فرمائين ٿا ته هي بيت لڪياري آباد ۾ لکيا ويا. اُتي شاديون هيون شاهن جون ۽ اُن موقعي تي وڃڻ ٿيو هو (جڙيل شاهه دونهائي واري جي پاٽئين جون شاديون هيون)

(”پيغام“ ص: 253)



Gul Hayat Institute

7_ فيبروري (هالا) رات: 9:10 بجي:

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي.

سڄڻ خوش ٿين مولا پنهنجي مهر ڪر
ڏاتر پنهنجي ذات جا ڏان اچي تون ڏين
فڪر ”فهيم“ جا فضل سان لالڻ شل لاهين
منهنجا ئي آهين سدا هجن سنرا.

(”پيغام“ ص: 254)

7_ فيبروري (لڪياري آباد) رات: 9:15 بجي:

پاڻ لڪياري آباد ۾ بيت لکيائون جيڪو (3) ٽن سٽن تي مشتمل آهي.

پرديسان پنڌ ڪري ويندس پنهنجي ڏيهه ڏي
هوندا سانگي سنرا خوشيون خوب ڪري
پيالو پرت پري پيئندس پنهنجي پَرِ سان

(”پيغام“ ص: 254)

9_ فيبروري (هالا) رات: 11:15 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

رڳو ساقي! تون هل مون ساڻ مئخانا ليي پوندا،
ڪٿي ڏس هڪ نظر ڪئين تنهنجا مستانا ليي پوندا.



مقطع:

”فهيم آهي دلِ مضطر ۾ پنهان راز سڀ رکيو،
حقيقت وارا هن جي دل مان افسانا ليي پوندا.

پاڻ فرمائين ٿا ته بنگلي تي في البديه مشاعرو ڪيوسون، جنهن ۾ مون، خادم، ملازم (شهباز ملازم سروري) ۽ ساقي غزل لکيا، طرح ساقيءَ ڏني.

(”پيغام“ ص: 82)

11_ فيبروري (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

خوش هجين يار، سدا تنهنجي حياتيءَ جو خير،
منهنجا اي ماه لقا تنهنجي حياتيءَ جو خير.

مقطع:

تو ”فهيم“ آهي نماڻن تي نظر فرمائي،
ختم ٿيا رنج و بلا تنهنجي حياتي جو خير.

پاڻ فرمائين ٿا ته حاجي علو ”واڳڻ“ (جڏهين به حاضريءَ تي ايندو هئو يا وڃڻ وقت موڪلائيندو هو) ڪي چئبو هئو ته: چڱو حاجي! ته پاڻ چوندو هئو ”تنهنجي حياتيءَ جو خير“ سندس اهو جملو رديف طور ڪم آندو ويو.

(”پيغام“ ص: 70)



Gul Hayat Institute

26_ فيبروري (هالا) رات: 11:55 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

جي پنهنجي واسطي بهتر خدا گهريو تہ ملنداسون،
متان دلگير ٿين دلبر! خدا گهريو تہ ملنداسون.

مقطع:

"فهيم" اڄ تي تہ هن کي مون سان ملڻو آهي دنيا ۾،
اٿر آهُون ڪنديون آخر خدا گهريو تہ ملنداسون.

("پيغام" ص: 58)

3_ مارچ (هالا) رات: 10 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ڏيڻ دل آهي آسان پر وٺڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،
پرينءَ کي پاڻ ڏي مائل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

مقطع:

لڳائي دل "فهيم" آخر ڪيو محسوس مون آهي،
قدم راهِ محبّت ۾ کڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

پاڻ فرمائين ٿا تہ بنگلي تي في البديہ مشاعرو ڪيوسون. خادم ۽ ساقي غزل لکيا. هڪ ڪلاڪ وقت رکيل هو.

("پيغام" ص: 79)



10_ مارچ (ٽنڊو منا خان) رات: 10 بجي:

پاڻ ٽنڊو منا خان ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

خدا ڄاڻي تہ پورو هجر وارو غم ڪڏهن ٿيندو،
سڄڻ هن خانئہِ دل ۾ مڪين هر دم ڪڏهن ٿيندو.

مقطع:

متان دلگير ٿين هرگز، جدائي ۾ "فهيم" آخر،
ڪرم فرمائي رشڪِ مهوشان همدم ڪڏهن ٿيندو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ سائين جن ناري مسافريءَ تي هئا. آئون حڪم موجب ٻن راتين لاءِ ويس. هڪ رات حاجي فتح الدين شاهہ جي دعوت هئي ۽ ٻي رات حاجي مير خان شاهہ جي دعوت. اُتي في البديہ مشاعرو ڪيو ويو. مصرع طرح سائين جن مقرر ڪئي. سائين جن، مون، خادم ۽ جانثار مومن ڪلاڪ ۾ غزل لکيا.

("پيغام" ص: 69)

24_ مارچ (هالا) رات: 12:25 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

منهنجو رشڪِ ماهتاب،
اڄ وري ٿيو بي نقاب.

Gul Hayat Institute

مقطع:

تـون امـين آهـين "فهـيم"!
فيصـلو ڪـج لاجـواب.

پاڻ فرمائين ٿا تہ هالن ۾ في البديہ (فقط ڏهن منٽن اندر) لکيو ويو.

("پيغام" ص: 133)

2_ اپريل (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (9) نَوَن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

رنـدن تـي روز شـب روئـي رڙي وَرَ کـي ورائيـنـديس،
خـدا گهريـو تـہ نـاتو نيـنهن جـو نيئـي نڀائيـنـديس.

نالي واري مصرع:

اُنهيءَ جي آهيان توڙي وساري ويو سڄڻ مون کي،
"فهيم" آئون تہ ساري عمر سهڻل جي سڏائينديس.

پاڻ فرمائين ٿا تہ راڻي ٻگهئي جي ڳوٺ فتح محمد شاهہ جي مڪان تي جڙيل شاهہ وٽ مشاعرو رکيو ويو هو. جنهن لاءِ ڪافيءَ جي طرح بہ مقرر هئي. ان لاءِ هيءَ ڪافي لکي وئي، جا اُتي خادم پڙهي.

("پيغام" ص: 222)



8_ اپريل (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

منهنجـو مسـجود جـنهن جـو در آهـي،
سـو رهيـو مـون کـان بـي خبـر آهـي.

مقطع:

هـن جهـان ۾ "فهـيم" تـي نـہ فهـيم،
فهـم اڄڪلهـ وڏو ضـرر آهـي.

("پيغام" ص: 135)

24_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اي دوست! حياتي ڪو ڳجهو راز نہ آهي،
هي آهي اهو دم، جو سدا ساز نہ آهي.

مقطع:

اڄ وصلِ صنم ٿيو نہ رهي ڪائي اُداسي،
سو دم نہ رهيو باقي جو دم ساز نہ آهي.

("پيغام" ص: 32)

Gul Hayat Institute

29_ مئي (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبوب گهٽئي ڏنو درد و الم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو،
ڪيئن گذريو زمانئہِ رنج و غم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

مقطع:

اي "فهيم" تون مون کي بڌاءِ ڪٿي تہ حقيقت ڪيئن آغاز ۾ هئي،
مون ڪنيو يا نہ ٿي ڪنيو پنهنجو قدم ڪجهه ياد اٿم ڪجهه وسري ويو.

("پيغام" ص: 119)

6_ جولاءِ (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (3) ٽن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

ڪنهن جي ڪا نہ ٿي هيءَ دنيا فاني آهي هت وفا بدنام...ڙي....
ڪنهن کي ڪو نہ مليو آرام.....ڙي......
لالڻ کي تون لهجان لوچي

نالي واري مصرع:

لالڻ کي تون لهجان لوچي
ڳولا ڪج پر سوچي سوچي



تي نہ پوي ناڪام......ڙي......
ڪنهن کي ڪو نہ مليو آرام.....ڙي.....

("پيغام" ص: 233)

14_ آگسٽ صبح: 11:30 بجي:

پاڻ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محبوبِ من! هُو تنهنجا اشارا ڪٿي رهيا،
منهنجي ضعيف دل جا سهارا ڪٿي رهيا.

مقطع:

تنهائين جي وقت پڇيو دل "فهيم" کان،
پيرا ڪندا هئا جي پيارا ڪٿي رهيا.

("پيغام" ص: 121)

24_ آگسٽ (هالا) رات: 9:30 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

بي وفا سان وفا ڪري ڏسبي،
هي خطا بارها ڪري ڏسبي.

مقطع:

جي حياتي وفا ڪئي تہ "فهيم"
عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

("پيغام" ص: 37)



Gul Hayat Institute

4_ سيپٽمبر (هالا) رات: 2:20 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

پلا سا ڪهڙي محفل جنهن ۾ هُو رشڪِ قمر ناهي،
انهيءَ کي هڪ شبِ تاريڪ چئو جنهن جي سحر ناهي.

مقطع:

"فهيم" اُن کي ٻڌائين ڇو ٿو دردِ دل جو افسانو،
هجئي معلوم تو کان تنهنجو دلبر بي خبر ناهي.

پاڻ فرمائين ٿا ته هالن ۾ بنگلي تي في البديه طرحي مشاعرو ڪيوسون، جنهن ۾ مون، خادم، گل محمد مهجور ۽ دين محمد شيخ غزل لکيا. ڪلاڪ وقت مقرر هو.

("پيغام" ص: 47)

6_ سيپٽمبر (هالا) رات: 9 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ٻٽي گهڙيون گڏ گذاري آخر سين اڪيلو ڇڏيو سفر ۾،
سواءِ درد و الم جي هاڻي رهيو ڇا باقي دل و جگر ۾.



مقطع:

گهٽئي وساريم مگر نه وسري سارنگين محفل "فهيم" جنهن ۾،
ڪمندِ زلفِ دوتائي دلبر وڪوڙي ورتو هو پنهنجي ور ۾.

("پيغام" ص: 40)

6_ سيپٽمبر (وڏو بنگلو هالا) رات: 9 بجي:

پاڻ وڏو بنگلو هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿلہ ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

مطلع:

سدا يار پيارا، توکي ساهُه ٿو ساري،
ساهُه ٿو ساري، پلا! ڪيئن وساري.
چِتُ ڇريو ڪيو تنهن جي نوري نظاري،

مقطع:

چِت ڇريو ڪيو تنهن جي نوري نظاري　　تولئه "فهيم" ٿو پل پل پڪاري،
پل پل پڪاري..... هر دم　　هنجهڙيون هاري..... ساهُه ٿو ساري

("پيغام" ص: 226)



Gul Hayat Institute

11_ آڪٽوبر (هالا) رات: 10 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ڪمندِ زلفِ دوتا جي گلا وري نہ ڪبي،
گلا ڪجي نہ ڪجي پر ثنا وري نہ ڪبي.

مقطع:

"فهيم" آه وفغان مان تہ ڪجھ بہ ڪونہ وريو،
حضورِ يار ۾ هاڻي صدا وري نہ ڪبي.

پاڻ فرمائين ٿا تہ هالن ۾ سائين جن وٽ في البديہ مشاعرو ڪيو ويو، جنهن ۾ سائين جن، مون، خادم ۽ مومن طرحي غزل لکيا.

("پيغام" ص: 100)

17_ آڪٽوبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

نگاهِ ناز سان دل آشنا وري بہ ڪجي،
اسيرِ زلف ٿيو هيءَ خطا وري بہ ڪجي.

مقطع:

نگاهِ ناز جي بسمل تي وار ڪر پيهر،
حسين قاتل کي التجا وري بہ ڪجي.

("پيغام" ص: 143)



6_ نومبر (هالا) رات: 9:30 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (11) يارهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

آهيان اي يار دست بہ دامان ڪڏهن،
آخر وجھو وسايان بيابان ڪڏهن.

مقطع:

جو دست چاڪ ٿو ڪري دامن کي اي "فهيم"
سوئي بچائي ٿو وٺي دامان ڪڏهن.

("پيغام" ص: 14)

29_ نومبر (سري مڪان ٽاٽو بولا خان ڳوٺ وڏيرو اُنڙ خان):

پاڻ سري مڪان ٽاٽو بولا خان ڳوٺ وڏيرو اُنڙ خان ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

چڱو جو واعظِ بي پير نڪتو،
هي منهنجي آه جو تاثير نڪتو.

مقطع:

"فهيم" آخر محبّت راهبر ٿي،
وڃي منزل تي اچ رہ گير نڪتو.

Gul Hayat Institute

پاڻ فرمائين ٿا تہ وڏيري انڙ خان وٽ شڪار تي وڃڻ ٿيو. رات جو مصرع طرح مقرر ڪري في البديہ مشاعرو ڪيو ويو. سائين جن، مون، خادمؔ مومن غزل لکيا.
("پيغام" ص: 59)

10_ ڊسمبر (هالا) رات: 11:30:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:
ڪنهن سان هر روز پيار ڪير ڪري،
هي خطا، بار بار ڪير ڪري.

مقطع:
ڪو بہ هت رازدار ناهي "فهيم"،
حالِ دل آشڪار ڪير ڪري.
("پيغام" ص: 101)

11_ ڊسمبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ قطعہ لکيائون:

نظر پهتي نظر تائين تہ پيمانا بہ وسري ويا،
اڙائي يار اک سان تہ ميخانا بہ وسري ويا،
پيڻ منهنجو، زمين تي آسمان جو هوا اچڻ گويا،
پيڻ جي مون ڪئي، ساقي ڪان پيمانا بہ وسري ويا.
("پيغام" ص: 185)



10_ جنوري (وڏو بنگلو هالا) رات: 8 بجي:

پاڻ وڏو بنگلو هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:
گڏ ڪا گهڙي گهار..... وڻجارا..... وڃ نہ ولهيءَ کي وَرَ تون وساري

نالي واري مصرع:
آهي "امين" سدا، جهوري جيءَ اندر، لاهين متان منڙا مون تان مهر نظر
جذڙو جيءُ جيار.... وڻجارا..... تنهن جي تڳان ٿي، سهڻل سهاري.
("پيغام" ص: 235)

12_ جنوري (هالا) شام: 5 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:
گهڻو دلبر لڪئين ليڪن ڏسڻ وارن ڏسي ورتو.
رخِ انور، اي سهڻا نيٺ مون پارن ڏسي ورتو.

مقطع:
"فهيم" آهي نہ ڪا پروا هزارين بخشون ٿينديون،
زهے قسمت درِ دلبر خطا دارن ڏسي ورتو.



Gul Hayat Institute

پاڻ فرمائين ٿا تہ شام جو بنگلي تي سائين جن وٽ بزمِ طالب المولیٰ شاخ هالا جو مشاعرو ٿيڻ وارو هو. آئون ۽ جانثار سائين جن جي بنگلي ۾ ويٺا هئاسون. ڳالهين ڪندي جانثار چيو تہ ڏسڻ وارن ڏسي ورتو. رديف سنوهڻ آيو ۽ ان تي غزل لکيم.

("پيغام" ص: 109)

14_ جنوري (هالا) رات: 10:30 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (13) تيرهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

سجڻ ڪي ڏٺم ۽ قمر ياد آيو.
نهاريئين تہ برق و شرر ياد آيو.

مقطع:

"امين" يار اهڙي طرح ياد آيو
نہ وسريو ڪڏهن ئي اگر ياد آيو.

("پيغام" ص: 88)

11_ فيبروري (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

هڪ سنگدل سان پيار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.
دل مفت ۾ نثار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.



مقطع:

جنهن نيث راز فاش ڪيو پنهنجو اي "فهيم"،
اُن تي ئي اعتبار ڪيم، هاءِ ڇا ڪيم.

("پيغام" ص: 154)

20_ مارچ:

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُر ڪنئوسيو_ ڪلِواڙو ۾) لکيائون، جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

رويو تنهنجون مان راهون نهاريان
ڏيو دلاسا پيو دل کي ڏتاريان.

نالي واري مصرع:

تنهن جي فڪر "فهيم" بنايو،
تنهنجو تي مون سجڻ ڪجهہ ڪمايو،
تولئہ هر دم تو هنجهڙيون هاريان.

("پيغام" ص: 224)

21_ مارچ (هالا) 10:55 کان رات: 11 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

زماني کي اهو منظور تي پيو.
اٿم افسوس هُو اڄ دور تي ويو.

Gul Hayat Institute

مقطع:

سڄڻ جيڪو ڏنو تو زخم دل تي،
ٻڌايان ڇا، اُهو ناسور ٿي ويو.

("پيغام" ص: 84)

22_ مارچ (اتاس بنگلو هالا) رات: 10 بجي:

پاڻ اتاس بنگلو هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

جڏهن دنيا سڄي کان دور ٿياسين،
تڏهن ئي يار وٽ منظور ٿياسين.

مقطع:

"فهيم" آهي محبّت راهبر تي،
شرابِ عشق پي مخمور ٿياسين.

پاڻ فرمائين ٿا ته بزمِ طالب المولىٰ شاخ هالا جو طرحي مشاعرو ٿيو. اڳ ۾ غزل نه لکيو هو مشاعري هلندي لکيم.

("پيغام" ص: 57)

23_ مارچ (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (4) چئن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اي "امين" توسان پيار ڪير ڪندو؟
پاڻ کي بيقرار ڪير ڪندو.



مقطع:

تون ته دنيا ۾ مثلِ خار آهين،
گل ڇڏي پنهنجو خار ڪير ڪندو.

("پيغام" ص: 25)

23_ مارچ (هالا) شام: 5 بجي:

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سُر پهاڙي ۾) لکيائون جيڪا (7) ستن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

باغن ۾ بهارن ۾، توريءَ نه سري سهڻا
پنهنجي "فهيم" کي ياد ڪري ڏس،

نالي واري مصرع:

منهنجو جهان آباد ڪري ڏس
دل جي ته قرارن ۾، توريءَ نه سري سهڻا.

پاڻ فرمائين ٿا ته هن ڪلام جي طرز مون خود ٺاهي. مون کي پسند آهي (هيءَ ڪلام جي پهرين طرز آهي جيڪا مون ٺاهي آهي) دين محمد شيخ کي ياد ڪرايم. منهنجو هي پهريون ڪلام آهي، جو ريڊيو تي نشر ٿيو ۽ دين محمد شيخ ڳايو.

("پيغام" ص: 207)

28_ مارچ (وڏو بنگلو هالا) رات: 11:45 بجي:

پاڻ وڏو بنگلو هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:



Gul Hayat Institute

ٿل:

ويئي وهامي رات ستارا گم ٿي ويا

ڇٽڪ بني سڪرات سهارا گم ٿي ويا

نالي واري مصرع:

ڪنهن به "فهيم" نه توڙ نيائي،

واهه جي ڪيائون واعدي وفائي

ڏيئي فقط فڪرات پيارا گم ٿي ويا.

("پيغام" ص: 246)

12 _ اپريل (هالا) رات: 9 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي :

مطلع:

تو ته ڪنهن سان وفا نه ڪئي آهي،

مون ۾ دلبر وفا گهٽئي آهي.

مقطع:

جان جي وئي ته ڇا ٿي پيو اي "فهيم"،

دل به پنهنجي هٿن مان وئي آهي.

("پيغام" ص: 50)

17 _ اپريل (هالا) رات: 12 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي :

مطلع:

عشق جا پارڻ ٻريا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف،

سوز وارا ٿي سڙيا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

مقطع:

سوئي منزل تي رسيو جنهن يار رهبر ڪيو "فهيم"!

ٻيا اجايو ٿي ڀڳا ڪي هِن طرف ڪي هُن طرف.

پاڻ فرمائين ٿا ته بزمِ طالب المولئ شاخ هالا طرفان اتاس ۾ مشاعرو ٿيو. ان لاءِ هي طرحي غزل لکيم. آئون امتحانن تي حيدرآباد ويو هوس. غلام قادر حسرت مشاعري ۾ منهنجو غزل پڙهيو.

("پيغام" ص: 94)

18 _ اپريل (هالا) مجهند: 11:59 بجي:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

وعدو ڪجي ته اهڙو ڪجي جنهن کي پار جي،

سو قول کهڙو جيڪو ڪري پو وسار جي.

مقطع:

پنهنجي "فهيم" عاشقِ مهجور کي پرين،

جي دل ۾ جاءِ ناهي ته پير ۾ وهار جي.

("پيغام" ص: 153)

Gul Hayat Institute

25 ـ اپريل:

پاڻ ڪافي لکيائون جيڪا (6) ڇهن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٽل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٽل:

منٺڙا.....اُو.....جا مون توسان گهاري
ڪيئن وسري گهڙي سا پياري.

نالي واري مصرع:

توکي "فهيم" وساري وساري، ڪيترو آخر يار وساري،
قول پيارل پنهنجا پاري، ڏي ڪا اچي دلداري.

("پيغام" ص: 239)

14 ـ مئي (ٻوٽ پليڏنو ڪاڪا):

پاڻ ٻوٽ پليڏنو ڪاڪا ۾ هيءَ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

وري مون ڏي نگاهِ سرمہ سا ٿئي ها تہ بهتر هو.
مريضِ عشق جي جيڪر دوا ٿئي ها تہ بهتر هو.

مقطع:

رلين تون ۽ رلي قسمت، رليو سارو جهان دلبر،
رهي هڪ زندگي سا پڻ خفا ٿئي ها تہ بهتر هو.



پاڻ فرمائين ٿا تہ "رمضان ڪاڪي جي شاديءَ تي پليڏني ڪاڪي جي ٻوٽ وڃڻ ٿيو. اُتي مصرع طرح مقرر ڪئي وئي ۽ ٻي رات مشاعرو رکيو ويو. ان لاءِ هي غزل لکيم. ٻي رات ڦل ڪاڪي جي ٻوٽ مشاعرو ٿيو. گهڻن ئي شاعرن غزل پڙهيا. مثلاً خادم، مخمور، اشرف شاهہ جو پٽ، شاهہ محمد شاهہ ۽ مصري ڪاڪو مائل وغيره."

("پيغام" ص: 151)

1 ـ جون:

پاڻ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

نظر فريب نظارن وڏو فريب ڏنو
خزان رسيده بهارن وڏو فريب ڏنو.

مقطع:

حياتي ساري بتن جي ئي پيار ۾ گذري،
"فهيم" نقش و نگارن وڏو فريب ڏنو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ "پير رسول بخش جي شاديءَ تي وڃڻ ٿيو. موٽندي رستي ۾ غزل لکيو ويو. هي غزل سُرَ (پاٻگيسري ۾) ڳايو ويندو آهي. طرز مون خود ناهي ۽ ڏاڍي سٺي بہ ٿي آهي."

("پيغام" ص: 139)

Gul Hayat Institute

8_ جون (قاضي احمد):

پاڻ قاضي احمد ۾ قطعه لکيائون:

صنم تہ پهلو ۾ آهي تڏهن بہ اي همدم،
الاجي ڇا جي ڪري اڄ بہ اشڪبار آهيان،
نہ اکيون نَمُ ۾ نہ آه و بڪا نہ جوشِ جنون،
جهان ڇا سمجهي تہ اڄ پڻ مان بيقرار آهيان.

("پيغام" ص: 177)

21_ جون (حيدرآباد کان ڪراچي سنڌ):

پاڻ حيدرآباد کان ڪراچي ويندي غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:
بت پرستي مان ٿي آخر هڪ خدا حاصل ڪيم،
هيءَ سندم خوش قسمتي جو ڇا مان ڇا حاصل ڪيم.

مقطع:
دلربا ڪي نيت مون پنهنجو بنايو اي "فهيم"
زيست جي بدلي ۾ دُرِ بي بها حاصل ڪيم.

پاڻ فرمائين ٿا تہ ڪراچي ويندي خادم هڪ مصرع ٻڌائي جنهن تي سندس ڳوٺ ۾ راز بادہ واري وٽ مشاعرو ٿيو هو طرح پسند آئي. غزل لکيو ويو.

("پيغام" ص: 35)



28_ جون (قاضي احمد):

پاڻ قاضي احمد ۾ قطعه لکيائون جيڪو (6) ڇهن سٽن تي مشتمل آهي:

نازپرور آهي بيشڪ "نازباغ"،
رشڪِ فردوسِ برين دشمن لئہ داغ،
دل ڏسڻ سان ٿيو وڃي ٿي باغ باغ،
ٿي جڏهن آمد ٿئي در "نازباغ"،
هت بہ روشن آهي الفت جو چراغ،
بزمِ رندان آهي گويا "نازباغ".

پاڻ فرمائين ٿا تہ "قاضي احمد وڏيري شاهه نواز انڙ جي پٽ جي شادي تي وڃڻ ٿيو. "نازباغ" ۾ رهائش ٿي. علي نواز خان وزيٽرس بڪ ڏنو تہ ان تي پنهنجا تاثرات لکجن ان تي پهرين پهرين سائين جن جي چند شعرن سان ابتدا ٿيل هئي. مون بہ مٿان شعر لکيا. خادم بہ ڪجهہ لکيو."

("پيغام" ص: 183)

17_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ منظوم (خط) لکيائون جيڪو (22) ٻاويهہ شعرن تي مشتمل آهي.

مطلع:
بخدمت فيض درجت اعليٰ عظمت
بخدمت قبلئہ من ابرِ رحمت

Gul Hayat Institute

مقطع:

زياده عشق بيو كل خير آهي

”امين“ جو تو سِوا بيو كير آهي

پاڻ فرمائين ٿا تہ ”هي منظوم خط سائين جن (قبلہ طالب المولىٰ سائين) لنڊن اُسريا هئا، تڏهن لکيو ويو.“

(”پيغام“ ص: 267)

29_ آگسٽ (وڏو بنگلو هالا) 30: 6 شام:

پاڻ وڏي بنگلو هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اڄ رات ڏکي گذري اڄ رات چڱي گذري،

دلبر جي اڳيان ساعت هيهات چڱي گذري.

مقطع:

مشكل نہ هئو مشكل آساني نہ آساني

ڪيئن چئجي ”فهيم“ آخر هي رات چڱي گذري.

(”پيغام“ ص:21)



10_ سيپٽمبر (مٽياري) 30: 1 شب:

پاڻ مٽياري ۾ قطعہ لکيائون.

نظر اداس ادا بيقرار بي چيني،

خوشي کي پرده غم جو نقاب خوب رهيو.

لبن تي مهرِ خموشي ۽ دل ۾ ڪيئي خيال،

اکين ۾ اشڪِ محبّت جو آب خوب رهيو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ مٽيارين ۾ ڄاموٽ صاحب (سردار محمد علي شاهہ) جي دعوت تي وڃڻ ٿيو. سائن اڳ ۾ ئي اُتي هئا، آئون پوءِ پهتس. ڄاموٽ صاحب هڪ رسالو ”السٽريٽيڊ ويڪلي آف پاڪستان“ سائن کي ڏنو جنهن تي هڪ خوبصورت ڪنوار جو فوٽو هو. ڄاموٽ صاحب چيو تہ انهيءَ تي ڪي اشعار لکي ڏيو. پاڻ مون کي بہ حڪم فرمايائون ۽ خادم بہ لکيو.

(”پيغام“ ص: 184)

16 آڪٽوبر (هالا):

پاڻ هالا ۾ ڪافي لکيائون جيڪا (9) نوَن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

سهڻا سانگ ڪري ويڙا پري،

ڪڏهن وري سي موٽي ملندا

نالي واري مصرع:

”امين“ آريءَ جام لئہ،

ماندي مست مري ويڙا پري،

ڪڏهن موٽي سي ملندا.

(”پيغام“ص: 228)



Gul Hayat Institute

18_ آڪٽوبر (حيدرآباد) 9:10 شب:

پاڻ حيدرآباد ۾ قطعہ لکيائون.

بيوفا سان جفا ڪڏهن نہ ڪجو.
دوستو هيءَ خطا ڪڏهن نہ ڪجو
سور سيني کي نيٺ صاف ڪندا،
دردِ دل جي دوا ڪڏهن نہ ڪجو.

("پيغام" ص: 166)

19_ آڪٽوبر (هالا) 9:00 رات:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (6) ڇهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اي بيقرار اي بيڪس نظر اداس نہ ٿي،
اجهو تہ آيو هو رشڪِ قمر اداس نہ ٿي.

مقطع

"فهيم" توکي تہ پنهنجي ئي پيار سان ڪم آ،
پلي هو توکان رهي بي خبر، اداس نہ ٿي.

پاڻ فرمائين ٿا تہ في البديہ مشاعرو ڪيوسون. طرح تي ڪلاڪ ۾ امين فهيم_ خادم ۽ ساقي غزل لکيا.

("پيغام" ص: 30)



21_ آڪٽوبر (هالا) 8:45 شب:

پاڻ هالا ۾ قطعہ لکيائون.

نيٺ دلبر ڪو نہ آئين،
بيڪسن وٽ ڇو نہ آئين،
توکي اڇڻو ڪو نہ هو،
دلربا سو ڪو نہ آئين.

("پيغام" ص: 186)

2_ نومبر (هالا) 00 :11بجہ شب:

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سر پيروي_ ڪِلواڙو ۾) لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

ڇئج صبا سڄڻن کي ڪا هاڻي تہ لهجو سار

نالي واري مصرع:

سنجهي صبح بس آهي "امين" کي پيارا اوهان جي پچار

("پيغام" ص: 216)

18_ نومبر (هالا) 10:00 بجہ شب

پاڻ هالا ۾ ڪافي (سر پهاڙي ۾) لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

کهڙي سبب مون کي وڃين وساري
ساهہ ٿو سهڻل توکي ساري

Gul Hayat Institute

نالي واري مصرع:

تنهنجي ”فهيم“ کي تات ۽ تاري     هجر ۾ ڳڻتين دلڙي ڳاري
تنهن جي پيارا پيس پناري

(”پيغام“ ص: 234)

19_ نومبر (هالا) 00 :4 بجہ رات:

پاڻ هالا ۾ قطعہ لکيائون.

هن جو مون ساڻ پيار ٿي نہ سگهيو
منهنجو ٿيو ڪو بہ يار ٿي نہ سگهيو
پنهنجو پنهنجو نصيب آهي ”فهيم“
منهنجو ڪو غمگسار ٿي نہ سگهيو.

(”پيغام“ ص: 187)

24_ نومبر (هالا) 45 :1 شب

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون جيڪو (5) پنجن سٽن تي مشتمل آهي:

ربّ بہ راضي تن مان جن کي آهي جمال
آهي انهيءَ ڳالهہ جو مون کي خوب خيال
ٿيندو ڏکئي ڏيهہ ۾ ڪوجهن ڪهڙو حال
تن جو سنگت ساٿ ۾ مُرڪڻ آهي محال
جن کي نہ آهي جمال سي ويچارا ڪيڏانهن وڃن

(”پيغام“ ص: 255)



12_ جنوري (ننڍي ڪاٽي نارو):

پاڻ ننڍي ڪاٽي نارو ۾ ڪافي (سُرَ ڪلاوتي ڪِلواڙو ۾) لکيائون جيڪا (5) پنجن بندن تي مشتمل آهي جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

محب مٺا، مهہ لقا، تنهنجي ياد ستائي ويئي
ڪا لنئون اهڙي لائي دلربا

نالي واري مصرع:

تولئہ ”فهيم“ ويٺو واجهائي
پيارا پرين اچ واڳ ورائي.

(”پيغام“ ص: 241)

16_ جنوري (ڀلائن جو ڳوٺ ديهہ ”ٻوٻي“ نارو):

پاڻ ڀلائن جي ڳوٺ ۾ ڪافي (سُرَ ڪلاوتي_ ڪلواڙو ۾) لکيائون جيڪا (4) چئن بندن تي مشتمل جنهن جو ٿل ۽ نالي واري مصرع هي آهن:

ٿل:

توکان جدا دلربا ڳڻتي ڳاريو ڳاري     توکي ساهہ ٿو ساري، همنوا

نالي واري مصرع:

نہ ”فهيم“ کي ويهہ وساري     ڪنهن تہ گهڙي اچ واڳڙيون واري

(”پيغام“ص: 212)



Gul Hayat Institute

2ـ فيبروري (ٽُڪي انڙ نارو) 00 :8 بجہ صبح:

پاڻ ڏُڪي اُنڙ نارو ۾ بيت لکيائون جيڪو (7) سٽن سٽن مشتمل آهي.

صبا! چئج سڄڻ کي ساري سَوَ سلام
دل جي دلبر يار کي پهچائج پيغام
تہ ڪار ڪيئندي لڳن توريءَ سپ طعام
صبح سڪندي ٿيو وڃي سارينديي ٿئي شام
آهيان آئون "امين" چئي سڄڻ اوهان جي سام
نرمل نانءَ الله جي ڪريو ڪي ڪلام
محبت واري مام سانڍي رکيم ساهہ سان

پاڻ فرمائين ٿا تہ ناري جي مسافريءَ تي وڃڻ ٽُڪيءَ وارن انڙن جي دعوت تي صبح جو هي بيت لکيا ويا.

("پيغام" ص: 256)

2ـ فيبروري (نارو) 06 :8 بجہ صبح:

پاڻ نارو ۾ بيت لکيائون جيڪو (8) اٺن سٽن تي مشتمل آهي:

صبا! چئج سڄڻ کي سنيها ساري
پيارا ڪو پرديس ۾ تولئي تنواري
پرين تنهنجي پُور ۾ پلپل پڪاري
نرمل تنهنجي نانءَ کي عاشق اُچاري



تنهنجي تات اندر ۾ ٻارڻ پئي ٻاري
سدا ساهہ "فهيم" جو ساريو ٿو ساري
نرمل نانءَ الله جي نوازي ناري
واڳڙيون واري اچو مون مهجور ڏي!

پاڻ فرمائين ٿا تہ هي بيت دلي جذبات تحت لکيل آهي. بيت لکندي اکين مان بي اختيار آب اچڻ لڳو ۽ هڪ عجيب ڪيف ۽ سرور حاصل ٿيندو رهيو.

("پيغام" ص: 257)

2ـ فيبروري (نارو) 10 :8 صبح:

پاڻ نارو ۾ بيت لکيائون جيڪو (7) سٽن سٽن تي مشتمل آهي.

صبا! چئج سڄڻ کي تنهنجي لڳي تار
لالڻ ڏينهن لڙيو وڃي پڇائيندي پار
واجهائي واٽن تي نيڻ وهائن نار
جيءَ ۾ آهي "امين" جي پرين تنهنجي پچار
وساري نہ ويهہ تون ساجن لهہ ڪا سار
سڄڻ سونهي ڪو نہ ٿو ڏڻ ڏناران ڏار
قرب ڪري ڪو يار واڳون وار وصال جون.

("پيغام" ص: 258)



Gul Hayat Institute

12_ فيبروري (ڳوٺ مٺوڻ نارو) 00 :11 رات:

پاڻ ڳوٺ مٺوڻ نارو ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نون شعرن تي مشتمل آهي جنهن جي مطلع ۽ مقطع هي آهن:

مطلع:

تعلّق آهي اهڙوئي نظر جو نازوارن سان،
ٿئي ٿو ربط جهڙي طرح لهرن جو ڪنارن سان

مقطع:

”فهيم“ آهي محبت جو اثر ميدانِ الفت ۾
زمين جي خاڪ هوندي گڏ رهون ٿا ماه پارن سان

پاڻ فرمائين ٿا ته ”ناري جي مسافريءَ ۾ بزمِ طالب المولىٰ جي طرفان مشاعرو رکيو ويو. طرح مصرع ڪافيءَ جي مقرر ڪئي وئي.

طرح هئي:

عمر هيءَ پرت منهنجي شل، پري ايندي پنوهارن سان
(”پيغام“ ص: 48)

5_ مارچ (هالا) 00 :8 بجه شب:

پاڻ هالا ۾ بيت لکيائون:

بهاريون بي سود ٿيون دلبر تو ڪان ڌار
وٺي ڪجهه ئي ڪونه ٿو جانب جيءَ جيار
تنهنجي لڳي تار پيو سب وسري ويو
(”پيغام“ ص: 259)



8_ مارچ (هالا) 20 :11 شب:

پاڻ هالا ۾ فرد لکيائون.

اسان ڪي عشق و محبت ۾ هنموا ڏسندي
چراغ رشڪ ۾ جلندي اُجهامي ويو آخر.
(”پيغام“ ص: 273)

11_ مارچ (هالا) 25 :4 شب:

پاڻ هالا ۾ قطعه لکيائون:

اج وڃان تو مان سُوئي غيرتِ ماه،
جنهن طرف لئه سکي تو منهنجو ساه،
من وڃي اوچتو ملي اي ”فهيم“،
هن جي مون سان ۽ منهنجي هن سان نگاه.
(”پيغام“ ص: 163)

پاڻ قطعه لکيائون:

الاجي ڪهڙي سبب دلربا هئو آهه به لب،
الاجي ڇا ڪان زماني ڪي بيقرار ڏٺم.
الاجي ڪهڙو نيا پو نسيم پهچايو،
پري بهار ۾ هر گل ڪي اشڪبار ڏٺم.
(”پيغام“ ص: 164)

Gul Hayat Institute

11ـ مارچ (هالا) 55 :3 شب:

پاڻ هالا ۾ قطعہ لکيائون:

مون کي تنهنجو غلام ٿيڻو هو،
منهنجو اعليٰ مقام ٿيڻو هو،
نيت تنهنجي نگاهہ تي حاصل،
ڪنهنجو پورو ڪلام ٿيڻو هو.

("پيغام" ص: 182)

1ـ اپريل (ليٽن روڊ ڪوئٽہ) 55 :1 شب:

پاڻ ليٽن روڊ تي قطعہ لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

خزان کي ڪنهنجي خوشين سان ڇا؟ ۽ غمن سان ڇا؟
فغانِ بلبل بي پَر سان ڇا؟ گلن سان ڇا؟
هي هڪڙي موسم آهي جا ايندي رهندي آ،
انهيءَ کي حسن يا ويرانيءِ چمن سان ڇا؟

("پيغام" ص: 173)

1ـ اپريل (ليٽن روڊ ڪوئٽہ) 40 :1شب:

پاڻ ليٽن روڊ ڪوئٽہ تي قطعہ لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

خزان ۾ خوش ٿي بهارن جو انتظار ڪبو،
نہ فرطِ غم کان گريبان کي تار تار ڪبو،
ٻہ ڏينهن گذري ويا ۽ ٻہ گذري ويندا "فهيم"
ڪڏهن نہ صبر جي دامن کي داغدار ڪبو.

("پيغام" ص: 174)



21ـ اپريل (ليٽن روڊ ڪوئٽہ) 11:10 رات:

پاڻ ليٽن روڊ ڪوئٽہ تي غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

داغ دل داغ جگر،
هجر ۾ ٿيا ديده وَر.

مقطع:

يار جو تيرِ نظر،
تيز تر کان تيز تر.

("پيغام" ص: 71)

21ـ اپريل (ليٽن روڊ ڪوئٽہ) 50 :10 رات:

پاڻ ليٽن روڊ ڪوئٽہ تي غزل لکيائون جيڪو (5) پنجن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

دلربا! تنهنجو رهي ٿو انتظار،
ياد تنهنجي ٿي ستائي بار بار.

مقطع:

يار گل رخ توکي مون سان گڏ ڏسي،
خار کائن ٿا سدائين مون تي خار.

("پيغام" ص: 74)

Gul Hayat Institute

پاڻ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اسان جي دردِ دل جي حسن وارن کي خبر ڪھڙي،
گل مڙمرده جي رنگين بھارن کي خبر ڪھڙي

مقطع:

”فھيم“ آخر ۾ چا گذريو ٻڏڻ کان پوءِ ڪشتي تي
اهو گرداب کان پڇبو ڪنارن کي خبر ڪھڙي.

(”پيغام“ ص: 22)

پاڻ غزل لکيائون جيڪو (9) نوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

سنگِ در تي گذارڻو آهي،
پنھنجي دل کي ڏتارڻو آهي.

مقطع:

جيئن ٻه گذريو گذاربو رهبو.
وقت آخر گذارڻو آهي.

(”پيغام“ ص: 90)



پاڻ غزل لکيائون جيڪو (9) نوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

نظر ويئي ستارن تي گمان ڪافي پري پهتو،
مگر عاشق تصّور ۾ هتان ڪافي پري پهتو.

مقطع:

اکين مان اوچتو نڪتو ڪريو دلبر جي دامن تي،
گهڙيءَ ۾ ئي ”فھيم“ اشڪِ روان ڪافي پري پهتو.

(”پيغام“ ص: 141)



Gul Hayat Institute

# 1961ع

15 فيبروري (ٽنڊو قيصر):

پاڻ ٽنڊو قيصر ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

دل کي دلبر جو گهر ڪري ورتم،
قصي کي مختصر ڪري ورتم.

مقطع:

اک جو اک ۾ "فهيم" بند رکي،
اشڪِ غم کي گهر ڪري ورتم.

("پيغام" ص: 76)

24_ فيبروري (امين منزل حيدرآباد):

پاڻ مشترڪ نظم "امين منزل" حيدرآباد ۾ لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

حضرت طالب المولیٰ:
ٿيو دورِ خزان ختم بهار آئي چمن ۾



خادم:
هڪ لهر خوشيءَ جي ٿو ڏسان سرو سمن ۾

بيخود:
عيد آهي نئين سر تي بپا دشت و دمن ۾

فهيم:
ماحول بدلجي ويو سڄو چشم زدن ۾

محبوب:
لبريز ڏسان جام ٿو ساقيءَ جي هٿن ۾

مقطع:

حضرت طالب المولیٰ:
هُو "طالب مولیٰ" جي محبت جو نگهبان

محبوب:
"محبوب" مليو دل جا ٿيا پورا سڀ ارمان

فهيم:
ٿيو حسن "فهيم" ان جو ڪري حسن کي حيران

خادم:
"خادم" تي ڪري يار ٿو احسان تي احسان

حضرت طالب المولیٰ:
هُو "طالب مولیٰ" جو خدا آهي مجازي

بيخود:
"بيخود" ٿا نمن جنهن کي سدا ترڪ ۽ تازي



Gul Hayat Institute

پاڻ فرمائين ٿا تہ رات جو سائين جي بنگلي تي آيا. وٽن اسدالله شاھہ، محبوب، خادم ۽ جانثار مٿي حاضريءَ ۾ ويا. آئون هيٺ ويٺو هوس. ميون اعجاز حسين بہ هو ماني آئي کائي آئون بہ سائن وٽ ويس. ميون اعجاز حسين سمهي رهيو. سائين جن وٽ ڏاڍي مزيدار ڪچهري ٿي رهي هئي. (جانثار جي غزل تي تبصرو ٿي رهيو هو.) هو گهٻرائي رهيو هو تہ متان ميون اعجاز حسين اچي نہ وڃي. خير! پوءِ سائين جن هڪ مصرع طرح ڏني تہ سڀ گڏجي مسدس لکون. سيني سواءِ جانثار جي لکڻ شروع ڪيو. ڏاڍي رواني‌ءَ سان لکندا وياسين، جاويد هزار ڪوشش بعد بہ لکي نہ سگهيو. مسدس ختم ڪرڻ کان پوءِ بہ سڄي رات ڪچهري شروع هئي ۽ بخير صبح ٿيو صبح جو ٻنوري شڪار لاءِ روانگي ٿي.

("پيغام" ص: 270)

23_ جون (هالا) 30 :3 رات:

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

پيـــــارءِ تنهنجـــــو پيـــــار ڇـــــا ڇئجـــــي،
مســـــت نظـــــرن جـــــو وار ڇـــــا ڇئجـــــي.

مقطع:

فڪـــــرءِ فڪـــــر پـــــاڻهي پنهنجـــــو "فهـــــيم"
پـــــاڻ ڪـــــي بـــــار بـــــار ڇـــــا ڇئجـــــي.

("پيغام" ص: 45)



# 1965ع

پاڻ نظم لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي

مطلع:

اي وطـــن اي جـــانِ مـــن اي غيـــرتِ هفـــت آســـمان،
توتان صدقي مال دولت تـو تـان قربـان جسـم و جـان.
زنـــده بـــاد اي منهنجـــا پاڪســـتان پيـــارا زنـــده بـــاد،
اي عظـــيم المرتبـــت اي شـــان وارا زنـــده بـــاد،
بـــي ڪســـن جـــا، بـــي ســـهارن جـــا ســـهارا زنـــده بـــاد،
آســـمانِ وقـــت جـــا روشـــن ســـتارا زنـــده بـــاد،
اي وطـــن اي جـــانِ مـــن اي غيـــرت هفـــت آســـمان
تو تان صدقي مال و دولت تو تان قربان جسم و جـان.

("پيغام" ص: 191)



Gul Hayat Institute

## 1967ع

1_ آگسٽ (هالا):

پاڻ هالا ۾ قومي نظم لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

وطــن پرســت آهيــون وطــن اســان جــو شــان آه
وطــن اســان جـي زنـدگي وطـن اسـان جـي جـان آه

مطلع:

وطــن جــو ذرو ذرو چــڻ اســان لئــ آســمان آه
وطـن تـان سـر ڪـريـون فـدا، اهـو اسـان لئـ مـانُ آه

مقطع:

هــوا جــي رخ متــي چــڏيو فضــا بنــايو ســازگار
اســان ڏي رخ اگـر ڪـري، خـزان بـ ٿـي پـوي بهـار
اسـان ڏي جي نظـر ڪـٽن گلـن جـو ٿئـي جگـر فگـار
("پيغام" ص: 203)

## 1968ع

8_ آگسٽ (حيدرآباد):

پاڻ حيدرآباد ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

راحتِ جسم و جان راحتِ زنـدگي تنهنجـو مرڪـي ملـڻ جـا نغـزا نغـزا،
تنهنجو شيرين تبسم ٿو بخشي سڪون تنهنجو آهـن اکيـون ڪيفـزا ڪيفـزا.

مقطع:

هن سوا وقت ڏاڍو ڏکيو ٿي ڪٽيو جيئن بـ گذريو گـذاري ڇـڏيم "اي فهيم"
هن جـو نـالو هئـو مـون کـي وردِ زبـان، مـون کـان گـو کائينـدي هـر ڪـا بـلا.
("پيغام" ص: 80)

Gul Hayat Institute

# 1974ع

22_ جولاءِ (ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (9) نَوَن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

نہ بخشيو نيت دنيا جي رواجن،
وڃون پيا غرق ٿيو رسمِ جهان ۾

مقطع:

"فهيم" آهي تعجب هن جو مون کي،
اهو ٿي ويو نہ هو جيڪي گمان ۾.

("پيغام" ص: 144)

20 – آڪٽوبر (خانگاهہ هالا) 11:00 بجہ رات:

پاڻ خانگاهہ هالا ۾ قطعہ لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

قصہءِ غم ڪي آشڪار ڪبو
آسمانن ڪي اشڪبار ڪبو



جنهن سان منزل جو واسطو نہ هجي،
رستو اهڙو ئي اختيار ڪبو.

پاڻ فرمائين ٿا تہ اڄ رات جو ادا خليق مشاعرو رکيو هو (خانگاهہ بنگلي ۾) طرحي غزل نہ لکيو هئم. ان تي هڪ قطعو لکيم ۽ هڪ ٻيو قطعو بہ محفل جي دوران لکي ورتم. سائين جن بہ مشاعري ۾ چند اشعار پڙهيا.

("پيغام" ص: 178)

21_ آڪٽوبر (خانگاهہ هالا) 12:10 شب:

پاڻ خانگاهہ هالا ۾ قطعہ لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

ڪير ڪنهن جو نہ ڪير ڪنهن جو آهہ،
فڪر هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو آهہ،
ٻي جي مشڪل کي حل ڪرڻ گهرجي،
سور پنهنجو سلڻ تہ سهنجو آهہ.

("پيغام" ص: 179)

Gul Hayat Institute

# 1976ع

(ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

ٿيندو رهيس پراڻو محبّت ڪري ڪري،
پٿر جو بت بنيس مان عبادت ڪري ڪري.

مقطع:

افسانئهِ حيات ڪبو ختم اي ”فهيم“،
يادن جي داستان جي حفاظت ڪري ڪري.

(”پيغام“ ص: 53)

# 1980ع

10- ڊسمبر (ڪراچي) 11:00 رات:

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

انهيءَ ئي منهنجي حياتي جو قدر نه ڪيو،
مون جنهن جي ذات کي هر وقت زندگي سمجهو.

مقطع:

اسان جو پيار وجي پهتو انتها کي ”فهيم“
زماني ساري اجا تائين سرسري سمجهو.

(”پيغام“ ص: 26)

Gul Hayat Institute

# 1981ع

27_ جنوري (ڪراچي) 9:00 رات:

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (11) يارهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

اڄ ڪجن سي جرم جن تي خوب جرمانا هجن،
۽ سياڻي هر زبان تي جن جا افسانا هجن.

مقطع:

گردشِ ايّام کي روڪي ڇڏيو اي دوستو!
فڪر فردا ۾ جڏهن مصروف مستانا هجن.

("پيغام" ص: 17)

24_ ڊسمبر (ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

حاصل جڏهن بہ عشق جي منزل ڪئي اٿئون،
مخلوق پنهنجي عزم جي قائل ڪئي اٿئون.



مقطع:

پنهنجو تہ ڪنهن نہ ذڪر تغافل ڪيو "فهيم"،
غيبت سدائين نقص و سائل ڪئي اٿئون.

("پيغام" ص: 63)

(ڪراچي، سنڌ):

پاڻ ڪراچي ۾ قطعہ لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

تنهنجي قدمن جي خاڪ جو عاشق،
آسمانن تي برتري ٿو رکي،
تنهنجي آڏو پلي هو ڪجهہ نہ هجي،
پر فرشتن سان همسري ٿو رکي.

("پيغام" ص: 169)

3_ جنوري:

پاڻ قطعہ لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

جان هڪڙي جي ناهي ڪا پرواهہ،
سَوَ هجن تہ بہ ڪري ڇڏيان قربان،
منهن جا محبوب تنهن جون سڀ ڳالهيون،
منهن جي ڪارڻ حديث ۽ قرآن.

("پيغام" ص: 171)



Gul Hayat Institute

# 1983ع

فيبروري (هالا):

پاڻ هالا شريف ۾ سهرو لکيائون جيڪو (13) تيرهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

مبارڪ اڄ ڀڳڙي آيو سندم جانِ جگر سهرا،
مبارڪ صد مبارڪ جلوه گر ٿيا زيب وَر سهرا.

مقطع:

هجن رشڪِ چمن توڙي هجن رشڪِ ثرّيا پر،
رهن ٿا گهوٽ جا هر وقت محتاجِ نظر سهرا.

پاڻ فرمائين ٿا ته برادرم ڊاڪٽر مخدوم رفيق الزمان لاءِ سندس شادي جي موقعي تي لکيو ويو.

("پيغام" ص: 281)

15_ اپريل (هالا):

پاڻ هالا ۾ غزل لکيائون جيڪو (10) ڏهن) شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

مون چيو جيڪي به ڪن ۾ يار ڪي،
سا خبر ڪهڙي پلا اغيار ڪي.



مقطع:

دل خدا جو گهر ته آهي پر "فهيم"
ڪيئن ڪيان دل مان خيالِ يار ڪي.

("پيغام" ص: 127)

3_ جون (حامي صاحب) جو ڳوٺ خيرپور) 11:45شب:

پاڻ حامي صاحب جو ڳوٺ خيرپور ۾ قطعه لکيائون جيڪو (4) چئن سٽن تي مشتمل آهي:

سنڌ جي خاڪ جو جواب نه آ،
هن جي خوبن جو ڪو حساب نه آ،
ذرو ذرو سندس گران قيمت،
جنهن جو مٽ ماه و آفتاب نه آ.

("پيغام" ص: 176)

15_ آگسٽ (ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (17) سترهن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

حڪمرانن کي ڏسي دست و گريبان عنقريب،
ٿي وڃن شايد اوهان جا هوش حيران عنقريب.

مقطع:

ليلئي شب جوش مان کولي ڇڏي شايد "فهيم"،
مات جي ماحول ۾ زلفِ پريشان عنقريب.

("پيغام" ص: 66)



Gul Hayat Institute

# 1984ع

1_ اپريل:

پاڻ نظم لکيائون جيڪو (18) ارڙهن شعرن تي مشتمل آهي :

مطلع:

جام پر ساقيا! جام پر ساقيا!!

ساقيا! جام پر جام پر ساقيا!

مقطع:

هڪڙو رستي جي لئي پُر اثر ساقيا،

ساقيا! جام پر جام پر ساقيا!

پاڻ فرمائين ٿا تہ هالا کان ڪراچي ايندي سپرهاءِ وي تي لکيو ويو.

("پيغام" ص: 194)



# 1985ع

19_ آڪٽوبر (ڪراچي):

پاڻ ڪراچي ۾ غزل لکيائون جيڪو (7) ستن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

سوچي الاجي دل ۾ هُو چا چا اچي پيو،
آشفتہ سر جا ڏسجو تماشا اچي پيو.

مقطع:

قاصد کي اج بہ ايندي اڪيلو ڏسي "فهيم"،
سمجهي ويس تہ وعدهِ فردا اچي پيو.

("پيغام" ص: 93)

19_ آڪٽوبر (ڪراچي):

پاڻ ڪراچيءَ ۾ غزل لکيائون جيڪو (8) اٺن شعرن تي مشتمل آهي:

مطلع:

محفل جو مير مرتبت اعلي اچي پيو،
اج با ادب ٿي بيهو معليٰ اچي پيو.

مقطع:

هي آهي رشڪِ دير و حرم ٿي ويو "فهيم"،
اج مئڪده ۾ طالبِ موليٰ اچي پيو.

("پيغام" ص: 123)

Gul Hayat Institute